
دیوان بلبل

# ديوان بلبل

(مرحوم رئيس شمس الدّين 'بلبل' جو ديوان)

مرتّب

غلام محمّد "گرامي"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو ـ حيدرآباد سنڌ

١٩٨٢ع

چاپو پهريون ١٩٦٩ع تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيون ١٩٨٢ع تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

[redacted] -00

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، ڄامشورو.

ٽپال جي ايڊريس:

جي. پي. او. پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد. سنڌ.

هيءُ ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر طرفان ٻه اکر | - ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني | |
| مرتب جا ٻه لفظ | - از: غلام محمد 'گرامي' | ١-٤ |
| مقدمه | - از: رئيس ضياءالدين "ضيا"، ايس. بلبل مرحوم | ٥-٤٧ |
| قطعه تاريخ، وفات بلبل | - از: ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي مرحوم | ٤٨-٤٩ |
| تقريظ | - حاجي محمود "خادم" مرحوم | ٥٠-٥٥ |
| ديباچو | - رئيس شمس الدين " بلبل " | ٥٦-٦٠ |

## متن

| | |
|---|---|
| (الف کان ي - غزل تائين) | ٦٣-١٢٩ |

## متفرقات

| | |
|---|---|
| مخمس بر غزل خواجه حافظ عليه الرحمة (ٻه) | ١٣٣-١٣٥ |
| مخمس بر غزل خسرو عليه الرحمة (هڪ) | ١٣٥-١٣٦ |

### تاريخي قطعا

| | |
|---|---|
| محمد ابراهيم 'خليل' ٺٽوي | ١٣٧ |
| ميرزا احمدعلي "احمد"، جهرڪ | ١٣٧ |
| سيد حاجي غلام محمد شاهه "گدا" حسيني | ١٣٨ |
| پير رفيع الدين سرهندي، مجددي، نقشبندي، شڪارپور | ١٣٩ |
| مير ميان محمد شاهه حسيني لکنوي، عامري | ١٤٠ |
| آخوند عبدالقادر "بيدل"، شڪارپور | ١٤١ |
| غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي" ٺٽوي | ١٤٢ |
| عبدالقادر "بيدل" شڪارپور (سنڌيءَ ۾) | ١٤٣ |
| تمت بالخير - از: مرحوم "بلبل" | ١٤٤ |

## شڪريو

مرتّب، ڊاڪٽر سيد اسدالله شاه "بيخود" حسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪرگذار آهي، جنهن جي علمي مشورن هن تاليف کي فني ۽ علمي معيار تي پهچايو آهي. — غ. م. گ.

ڏسي دلبر منهنجي ديوان کي، گلشن ۾ چيو:
بس رکي هيءَ رهي، بلبل جي نشاني افسوس!
”بلبل“



رئیس شمس‌الدین "بلبل" مرحوم



مولانا غلام محمد رحہ سوڍر
(ڏاڏا سائين)



مرحوم رئیس ضیاءالدین "ضیا" ایس۔ بلبل



مولانا غلام محمد "گرامي"

’ديوان بلبل‘ جي ان حيثيت جا پريشاني پيدا ڪئي هوندي، ان کي شعراء ڪرام چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا.

بهرحال، ساري ديوان کي نه فقط غور سان مطالع ڪرڻو پيو، پر هرهڪ شعر جي صحت تي به ڌيان ڏيڻو پيو. آخرڪار، هن مختصر ديوان جي ترتيب ۽ صحت جو ڪم، جو هولڊ پن-ٽن هفتن ۾ ڪري سگهجي ها، تنهن سال کن ورتو. اصلاح ۽ صحت جي سلسلي ۾، ’بلبل‘ جي ظريفاڻه انداز، بيان جي پختگيءَ، خيال جي شوخيءَ، گهڻي رهنمائي ڪئي. ڪلام جي سياق ۽ سباق کي نظر ۾ رکڻ سان ڪيترن مبهم ۽ مغلق شعرن جي اصلاح ۽ صحت، آسان لڳوني ۾ ڪري سگهيو آهيان.

لفظن جي صحت جي باري ۾ اهو ظاهر ٿو ڪريان ته ’بلبل‘ جي دؤر جي سيني شاعرن، تحرفي، لفظن جي حرڪات ۽ سڪنات جي ادائگيءَ ۾ عام غلطيون ڪيون آهن. جيئن صبر، شڪر، ختم، قبر، ڪرم، رحم، عقل، عشق، وغيره.

’بلبل‘ جي ڪلام ۾ ان قسم جون ڪجهه ٿوريون غلطيون نظر آيون، جي به گهڻي ڀاڱي ڪاتبن جي بيپرواهيءَ ڪري پيدا ٿيون آهن، تن کي درست ڪيو ويو آهي.

ان طرح ’بحر‘ ۽ ’وزن‘ جي صحت متعلق به اڳئين دؤر ۾، بي اعتنائي ڪئي وئي آهي. گهڻو ڪري، متشابه بحرن ۾ ڪابه تميز روا نه رکي وئي آهي. ان قسم جا به چند مثال ’بلبل‘ جي ديوان ۾ نظر آيا، جن کي حتي المقدور درست ڪيو ويو آهي.

مرحوم ’بلبل‘ جا ڪيترا شعر، نهايت مغلق ۽ مبهم نظر آيا، جي غالب جي ڪن شعرن وانگر، مغلق، پيچيده ۽ وسيع الاطراف آهن، ۽ مختلف المعاني تي مشتمل آهن. اهڙن شعرن سان ڪابه هٿ چُراند ڪانه ڪيل آهي، ۽ اهي شعر فقط لفظي صحت، ۽ عروضي حد تائين اصلاح ڪيا ويا آهن. هونءَ به: ”المعني في بطن الشاعر“ چيو ويو آهي.

جيڪڏهن عاشق لاءِ حافظ:

هرگز نہ ميرد، آن ڪہ دلش زنده شد بہ عشق،
ثبتست، برجريده عالم، دوامِ ما.

چيو آهي، تہ، شاعر ڪي وري، 'الشعراء تلاميذ الرّحمان' سان ياد شاد ڪيو ويو آهي.

اسان وٽ، هڪ شاعر داريش چيو آهي تہ:

"شاعر پراڻين پڌل ڳالهين سان هرگز پڌل ناهي، بلڪ سچو شاعر ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات کي قلمبند ڪندو ڪري، ۽ قومي شاعر، قوم ۽ ملڪ جي ڏکن ۽ دردن جي ترجماني ٿو ڪري، سو بہ جيسين قوم جي ڏکن ۽ دردن کي پنهنجو ڏک ۽ درد نہ سمجهندو، تيسين سندس ڪلام ۾ اثر جو پيدا ٿيڻ مشڪل ئي ناهي، پر هڪ محال امر آهي."

اهو بلڪل صحيح، پر منهنجي ناچيز راءِ اجا بہ ٿي ڏاڪا مٿي آهي. ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات چا، معاملو ڪشف ۽ ادراڪ تائين پهچڻ گهرجي. قوم جي ڏک جي ترجماني چا، خود قوم جي ڏک ۽ احساس جو مجسّمو ٿيڻو تو پوي. شاعر، قوم ڪان جدا ڪا چيز ناهي، 'شاعر قوم آهي ۽ قوم شاعر آهي.' پنهي ۾ هڪ قسم جو اتحاد ۽ عينيت ٿا پيدا ٿين. ايتريقدر جو:

تا ڪس نہ گويد بعد ازين، من ديگرم تو ديگري!

ان طرح خوشي ۽ غم، ترقي ۽ تنزّل بہ بيروني ۽ عارضي ڪيفيتون آهن، جن جي اصلاح تہ پيا ماڻهو بہ ڪري سگهن ٿا. شاعر قوم جي انتهائي غرض ۽ غايت کي مدنظر رکي ٿو ۽ سندس ذهني ۽ جذباتي انقلاب سان دلچسپي رکي ٿو. عاشق فقط هڪ فرد کي محبوب ۽ مطلوب رکي ٿو، پر شاعر ساري قوم کي!

هن خيال کي مسز سروجني ليڊو، مولانا حاليءَ جي وفات جي ساليانيءَ موقعي تي تقرير ڪندي، صاف لفظن ۾ ادا ڪيو آهي تہ:

سچ پچ 'گل ۽ بلبل' جي قصي والـگر گذري چڪي آهي. جنهن جي حياتيءَ جون پويون گهڙيون به ساز ۽ سخن جي جهوليءَ ۾ گذريون. جنهن جي شاعري، سٺني صديءَ گذرڻ کان پوءِ به مقبول ۽ زنده آهي. جنهن کي سنڌ جي محقق ناقدن، پير حسام الدين راشدي، مرحوم 'بسمل'، مرحوم حاجي خادم، سيد علي اڪبرشاهه، مولانا گرامي صاحب، خليل صاحب، سنڌ جو سعدي، حالي ۽ اڪبر الهه آبادي قرار ڏنو آهي. جنهن جي صدا، 'صدائے قوم' هئي. جنهن اڄ جي سياسي، اخلاقي، ذهني ۽ ديني خرابين جو احوال ۽ انهن جو علاج پنجاهه سال اڳ قلمبند ڪيو آهي. جنهن جي شعر و شاعري، مٿي ذڪر ڪيل معيار موجب، بلڪل پوري آهي. اهو به ياد رهي ته جو ڪجهه مان چئي رهيو آهيان، سو رڳو فرزندانه محبت ۽ جذبهٔ عقيدت جي پيداوار ناهي، اگرچ سنهنجي عمر ۽ تجربي، علم ۽ مطالع وارو ڪوبه فلسفي جو شاگرد، هن معاملي ۾ ذاتيات کي بالائے طاق رکي، منصف مزاجيءَ سان مون وانگر ئي راءِ زني ڪري ٿي سگهيو؛ ان هوندي به ڪوهن ۽ ماڻهن جا وات ڪنهن بـہ بند نہ ڪيا آهن؛ تنهنڪري 'پدرم سلطان بود' جي طعني کان بچڻ لاءِ مون مٿيون طريقو، لامحاله اختيار ڪيو آهي ۽ پين محققن جي خيالن ۽ راين ڏانهن اشارو ڪيو اٿم.

اها به هڪ عجب جهڙي حقيقت آهي تـہ سنڌ جـو مايـہ نـاز لکتہ سنج ۽ شاعر شيرين بيان، مرحوم 'بلبل' نہ ڪنهن مشهور تعليمي درسگاهه جـو سنَد يافتہ هـو ۽ نـہ ڪنهن جيـڏ ۽ قادرالڪلام شاعر وٽان شاعري سکيو هو.

مرحوم 'بلبل' ميهڙ جهڙي مردم خيز سرزمين ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي جي ننڍن مڪتبن ۾، ان زماني جو مروَج درس، سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهيو هو، پر پوءِ ڪتابن جي محدود دنيا کان جلدي بيزار ٿي هن دنيا جي جامع ۽ جذبات ۽ احساس جـو درس حاصل ڪيائين ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي ورق گرداني شروع ڪيائين. مرحوم 'بلبل'

جي وائـي وات هئي. اديبن ۽ شاعـرن، سياستدانن ۽ قومي
ڪارڪنن، ميرن ۽ پيرن، حاڪمن ۽ وزيـرن وٽ سـنـدس
قابليت ۽ صلابت راءِ جـو چـرچـو ٿي ويـو. مـرحـوم بلبل،
مـذاق ۽ ظرافت سان، مـرحوم افندي لاءِ ائين ميدان هموار
ڪيو، جيئن حالي مرحوم، رنڻ ۽ رڙارڻ، تنبيهه ۽ نااميديءَ
سان مسدس لـکي، مَسّ مَسّ پيدا ڪري سگهيو هو."

بيشڪ مولانـا گرامي صاحب جـو مٿيون تجزيو، بابل جي طريق ڪار
جي بلڪل صحيح تصوير آهي.

سندس تعريف ۾، ڪن وقتن تـي، خـود مرحوم افنديءَ جـي
واتان هي لفظ نڪرندا هئا. چوندو هو: "سـون کي عجب آهي تـہ
اهـڙو انسان، ميهڙ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟"

الغرض مرحوم افنديءَ جي سيني ڪمن ۽ تحريڪن ۾ مرحوم
بلبل سندس قلمي تعاون ڪندو آيو. دڪن ائـگريڪلچرل رليف ايڪٽ
جـو سوال، جڏهن مرحوم افنديءَ هٿ ۾ ڪنيو، تڏهن مرحوم بلبل
سندس مشير خاص جي حيثيت سان رفيق ڪار رهيو.

ان طرح ٻوني جي ڪميشن، جڏهن افندي مرحوم کي گهرايو،
تڏهن ڪاغذن تيار ڪرڻ جو بار، مرحوم بلبل جي ذمي ڪيو ويو.
مرحوم 'بلبل' ٿوري ئي عرصي ۾، سنڌ جي سيني آبادگارن جو احوال
گهرايو ۽ ضلعي وار انـگن اکرن سان يادداشتون تيار ڪيون، جن ۾
ڏڪرين جي ذريعي آبادگارن جي زمين ۽ ملڪيت جي نيڪال جا
انـگ اکر گڏ ڪيل هئا. ان طرح قرضن ۾، جي ورياج تـي وياج
هلندا هئا، سي بـہ بلبل مـرحـوم وڏي محنت سان گـڏ ڪيا، آخـر
مرحوم افندي ڪيس ٻوني ڏانهن پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ وقت ٻوقت
ڪميشن اڳيان، شاهدي ڏيندي، بلبل کـان لـوٽ وٺندو رهيو. هـن
حيرت انـگيز محنت ۽ انـگن اکـرن جي وسيع دنيا ۽ هـر فقري کـي
حيرت انـگيز حوالن سان مدلل ڏسي، خـود انـگريـز ميمبر بہ حيران
رهجي ويـا. آخرڪار 'بلبل' جي ڪاوش نتيجہ خيز ثابت ٿي، ڪميشن

پاڻ پنهنجي مسجد ۾ اڪثري، پنج ئي وقت، امامت جا فرائض ادا ڪندو هو. سندس وضع قطع نهايت پاڪيزه، پرڪشش ۽ رعبدار هوندي هئي: لباس باوقار، شرعي سونهاري، پٽوڙان وار ۽ مٿي تي دستار ٻڌلدو هو. هميشه دين جي عالمن سان تبادلہ خيالات ڪندو هو. سندس ديني ڪتابن جي بيش بها لئبرريءَ ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو، جنهن ۾ تفسير، حديث، فقه، تاريخ، تصوف، سيرت، سوانح، مناظره، فلسفہ، عروض، لغت ۽ منطق تي وڏا وڏا مستند ڪتاب موجود هئا، جي سندس مطالعي ۾ رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي، جو پاڻ عالمن جي گهڻي عزت ڪندا هئا.

اهل سنت جماعت سان وابستگيءَ جو سندس اهو حال هو جو پنهنجي اولاد لاءِ وصيت لکي ويو آهي ته، ”اگر ڪو فرد، ڪڏهن به سنت جماعت کان ٻاهر ٿي وڃي ته پوءِ ڪيس منهنجي ڇڏيل ملڪيت کان دستبردار ڪري، ساري ملڪيت وقف ڪئي وڃي.“

مطلب ته هند ۽ سنڌ ۾ شهرت يافته اديب، عالم ۽ شاعر ۽ بلند شخصيت جو مالڪ، اخبار نويس، اهل قلم، ميرن ۽ پيرن جي مجلسن ۽ محفلن جو مور، سياسي ۽ تعليمي اڳواڻ ٿي ڪري، دين جو هيترو قدر ڪري، نمازون پڙهي، امامت ڪرائي، دل کي قوم ۽ دين جي درد سان معمور رکي. اِها سندس آهي بي مثال وصف آهي، جا هن دور ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ، سياستدان، تعليمي اڳواڻ، اديب ۽ شاعر، صحافي ۽ فاضل شخص ۾ مشڪل سان نظر ايندي.

جڏهن ڪيس ڪن دوستن، ملڪيت وڌائڻ لاءِ چيو، تڏهن پنهنجي ڪتابن جي لئبرريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

”پنهنجي اولاد لاءِ هيءَ دولت گڏ ڪيو ٿو وڃان، جا لازوال آهي، مفيد آهي ۽ بي بها آهي!“

مرحوم ’بلبل‘، پاڻ جي نقشبندي بزرگ، مخدوم نظام الدين رحہ صديقيءَ وٽ، بيعت ڪيل هو. ان کان سواءِ، ان دور جو وڏو عالم

سان ڳولي لڌم. پيريءَ سان گڏ فقيري، فقيريءَ سان گڏ اميري، راڳ ۽ رنگ جي مهارت سان گڏ شعر و شاعري، صورت به سهڻي ۽ سيرت به سهڻي! رياست ۽ سياست سان گڏ راڄداري ۽ مريدن جي نگهداري، علمي ڪانفرنسن جي صدارت ۽ فقيرن ۽ عالمن سان صحبت، سخاوت ۽ غريبنوازيءَ سان گڏ زماني جي ڪاروبار ۾ ذميداراڻا لڳاءُ، علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ ادارا ۽ رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب، تصنيف ۽ تاليف، دل ۽ دماغ جي طراوت لاءِ ادبي مجلسون ۽ راڳ ڪانفرنسون اهي سڀ ڳڻ هڪ اعليٰ شخصيت جا آهن.

مرحوم بلبل لاءِ سندس همعصر عالمن جو ڪجهه چيو آهي، ان جو ورجائڻ طوالت جو سبب ٿيندو.

سندس شاگرد رشيد ۽ مشهور شاعر، ماستر جمع خان ’غريب‘ هڪ مضمون ۾ هن طرح ’بلبل‘ جي تصوير پيش ڪئي آهي. لکي ٿو:

”بلبل جي گفتگو سنجيده ۽ باوقار، موزون ۽ مختصر هوندي هئي. نثر توڙي نظم ۾ سندس طبع، رسا ۽ روان هوندي هئي. سندس دل، دماغ، ڪَنَ ۽ زبان اهڙا ته تيز ۽ ڪليل هوندا هئا، جو ساڳي وقت شعر جو شغل به ڪندو هو ته ويٺلن سان ڳالهه ٻولهه به ڪندو رهندو هو. هر ڪنهن ڏي هڪ نظر ڦيرائي، سڀڪجهه سمجهي ويندو هو. سندس چپن تي هميشه لت لئين مرڪ لمودار ٿيندي هئي. اهڙو ماڻهو اسان وري نه ڏٺو آهي...“

بلبل جي فني مقام جي لسبت ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته جڏهن سنڌ جي شعر و شاعريءَ جي مڪمل ۽ مدلل تاريخ اڃا تائين نه لکي وئي آهي، تاهم مسلم ادبي سوسائٽيءَ پاران ڇپيل سنڌ جي ادبي تاريخ غنيمت آهي. ان جي ٻئي ڀاڱي ۾ مرحوم ’بلبل‘ لاءِ پڻ مختصر تعارف موجود آهي. ان طرح شمس العلماء علامہ دائود پوٽي پڻ ”سرها گل“ ۾

جي اعتدال کان وڌي ڪين ڏڪ هڻندو هو. تنهنڪري ڪين دشمنيءَ جو شڪار ٿيئو پيو.

> هونءَ به مزاح ۽ ظرافت جو معتدل ۽ محتاط قوام ٿئي ٿو، ان ڪي پنهنجي معتدل ۽ محتاط رمز تائين رکڻ ۽ نباهڻ آسان ڪم ناهي. ٿورو مٿي چڙهيو ته تلخ ٿي پوندو، گلن سان خار ۽ طنز سان گار بنجي ويندو. هلڪو اشارو به ٺارو بلڪ ڏنبو موچارو ٿي پوندو. ’بلبل‘ ان فن کي اهڙو ته اعتدال ۽ احتياط سان نباهيو، جو ان مان نه ڪا دل آزاري ٿي ۽ نه ڪا اشاري بازي سمجهه ۾ آئي. هر ڪنهن سندس ڪلام پڙهيو، پر مخاطب ڪنهن پئي کي ڄاتو. هرڪو کلندو ۽ مُرڪندو رهيو. ڪوبه نه چڙيو ۽ نه رنج ٿيو. سندس تلخيءَ ۾ شيريني ۽ نمڪيني هئي، جنهن لذت ۽ سواد کي وڌايو. هن سنکيي کي مهرو بنائي ڇڏيو، يا ڪوڙي دوا ڪيپسول ۾ ڪارائي ڇڏي.*

مٿين چند راين جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ’بلبل‘ کي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙو مقام حاصل آهي ۽ ڪهڙي درجي جو مستحق آهي. ان پس منظر ۾ ’بلبل‘ جي ظريفانہ تنقيد جي ضرورت سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

مرحوم ’بلبل‘، دهليءَ جي جنگ آزاديءَ واري سال ۱۸۵۷ع ۾ تولد ٿيو هو. هي اهو زمانو هو، جنهن ملڪ کي بهترين ماڻهو عنايت ڪيا هئا. ’هند‘ ۾ سر سيّد احمد، حالي، شبلي ۽ اڪبر الهه آبادي، وقارالملڪ ۽ محسن‌الملڪ پيدا ٿيا ۽ ’سنڌ‘ ۾ حسن علي افندي، ’بلبل‘، الهندو شاهه ۽ بزرگ امروٽي پيدا ٿيا.

هي اهو زمانو هو، جنهن ۾ مغل بادشاهن جي جاگيردارن ۽ تمندارن، صوبيدارن ۽ سردارن جي جانشينن، يعني سنڌ جي زميندارن، غفلت ۽ زوال جي سيج تي، جديد نظام ۽ حڪومت جي لانگ بوٽ

قدردانيءَ 'واهَ' جي وائيءَ،
هي خدا جي عطا، وَهب آهي.

(۲) بلبل مرحوم، خالق اکبر جي حمد و ثنا نهايت دلکش ۽ جاذب، زود اثر ۽ دلنشين نموني ۾ ڪري، الله پاڪ جي بي پناهه وحدانيت ۽ قدرت ڪامله جي گوناگون صنعت ۽ خلقت ڏي رجوع ڪرڻ جي پرجوش ۽ پُراثر تلقين ۽ تبليغ ڪئي آهي. ان سان گڏ، غافل مسلمانن جي زنگ آلود قلب کي، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت واري پارس سان گَهڻَ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ان طرح ڪيترين مرده ۽ زنگ آلوده دليون روشن ڪري ڇڏيائين.

الغرض، اسلام جي ٻن شعبن، وحدت ۽ رسالت تي ڪامل ايمان آڻڻ، لا اِلٰه الا الله سان گڏ محمد رسول الله جي مفهوم ۽ مطلب کي سيني ۾ سانڍڻ، ان تي عمل ڪرڻ، سندس شاعرانه ۽ اديبانه جدوجهد جو مرڪزي نصب العين رهيو آهي. سندس نعتيه ڪلام، هڪ صادق عاشق، هڪ شيفته ۽ وارفته 'گلِ رسالت' جي 'بلبل' جي آهه و فغان آهي. درحقيقت، سرڪار دو عالم صلي الله عليه وسلم جي محبت ئي ايمان آهي، بلڪ ايمان جي جان آهي ۽ ايمان لاءِ ساز و سامان آهي.

ان سلسلي ۾ مرحوم 'بلبل' پنهنجي حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ ۾ به جو نعتيه غزل لکيو آهي، اهو حضور پرنور صلي الله عليه وسلم کي سندس سچي اُمتيءَ جي سچيءَ سِڪ جو سنيهو، ۽ عقيدت ۽ محبت جي فراوانيءَ جو لاجواب خطاب آهي، چيو اٿس:

"رسول الله، امت کي ڇيڻَ ۾ نا ڇڏڻ گهرجي."

اهو شعر نهايت رقت انگيز ۽ روح پرور آهي، جو وفات وقت چيو اٿس.

مرحوم 'بلبل' پنهنجي فن ۽ ڪلام سان، انهن ٻنهي چيزن، توحيد ۽ عشق نبوي کي وري چمڪايو.

## قطع تاريخ - وفات بلبل

مشهور عالم ۽ شاعر، اکبر الہ آباديء جي شاگرد رشيد، جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي مرحوم، 'بلبل' جي قطع تاريخ ۾ هن طرح پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو آهي:

چراغِ عالم، شمس الدين بلبل،
سراجِ حلم، شمس الدين بلبل.
سخندان خوب، شمس الدين بلبل،
زبانِ مرغوب، شمس الدين بلبل.
اديب سنڌ، شمس الدين بلبل،
نقيبِ سنڌ، شمس الدين بلبل.
رفيقِ قوم، شمس الدين بلبل،
شفيقِ قوم، شمس الدين بلبل.
رئيسِ مهر (ميهڙ)، شمس الدين بلبل،
فصيحِ شهر، شمس الدين بلبل.
ڪمالِ شعر، شمس الدين بلبل،
جمالِ شعر، شمس الدين بلبل.
چنين معروف آن ممدوحِ من بود،
اميرِ مجلسِ شعر و سخن بود.
محبِ مسلک و قوم دين و ملت،
سراپا پيڪرِ لطف و شرافت.
ز روحِ شاعري لبريز جامش،
نگاهش دوربين، پخته ڪلامش.
ظرافت بذله سنجي، خوش ڪلامي،
در اصنافِ سخن، في الجمله نامي.
بسالِ سيزده صد سي وهفتم (١٣٣٧ هه)،
به بست و هفت ذي الحج المکرم.

به فردوس برین آسوده جانش
همیشه رحمت حق بر روانش.
بگویند عاشق صادق نه میرد
اگر میرد حیات نو بگیرد.
بمانده یادگار از گلشنش گل
ضیاءالدین و شمس‌الدین بلبل.
ز "صدیقی" دعا این بااثر باد
مدام او زنده و پاینده تر باد.

# تقريظ

## مرحوم حاجي محمود صاحب 'خادم' لاڙڪاڻه

مفڪر جي معنيٰ جي هر ڪنهن کي خبر آهي، پر هڪ اعليٰ مفڪر جو معيار ڇا هئڻ گهرجي، تنهن بابت ڪجهه چوڻ گهران ٿو.

جاڻڻ گهرجي ته هڪڙا مفڪر اهي آهن، جي حڪمت ۽ فلسفي جا دقيق ۽ عميق مسئلا ۽ نت نوان نظريا پيش ڪن ٿا، جهڙيءَ طرح بوعلي سينا، امام غزالي ۽ ڪانٽ. پيا اهي آهن، جن جذبات ۽ مشاهدات جا در شهپارا، فن جي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيا؛ مگر اها ڪوشش يا ڪاوش نه ڪيائون ته عوام تي ڪو خاص اثر پوي، يا ساڌو ان ڪي سمجهن. هنن جو فڪر خالص فن خاطر هوندو آهي. ٽيون گروهه انهن مفڪرن جو آهي، جي فن کي غرض يا غايت يا انتها نٿا ڄاڻن، پر انهن کي انساني حياتيءَ جي سنوار ۽ سڌاريءَ خاطر ڪتب آڻن ٿا. هن قسم جا استادِ فن، عملي ۽ اصلاحي پهلو رکندڙ آهن.

شاعرن جو سرتاج، صوفي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه‌الرحمة ۽ شيڪسپيئر هن قسم جي مفڪرن جا عمدا مثال آهن.

اهڙيءَ طرح 'بلبل' مرحوم به هن معيار جي مفڪرن مان هو. سندس نشان امتياز هي آهي، ته هن جي فن جو اثر ان وقت جي سوسائٽيءَ تي نهايت عمدو پيو ۽ عوام جي اخلاق جي اصلاح ۾ نهايت ڪامياب ٿيو. انهيءَ ڪري هن پاڻ کي ملڪ جو مفڪر ۽ شاعر ثابت ڪيو ۽ قوم ۾ نهايت خوشگوار انقلاب آڻڻ جو باعث بڻيو.

منهنجي خيال ۾، هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن: هڪ ته هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي؛ ٻيو ته هن سوسائٽيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري ايڪ اثر وڌو هجي؛

ڪان جدا ٿي ويو، تڏهن ٻه يان لفظ جي سنڌس وات ۾ان اڪثا، سي هي هئا:

”هندن جا ٻجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا ٻجڪا ڏار ڪريو.“

شايد پاڪستان جي هيءَ پيشنگوئي هئي.

شاعريءَ جو هي موجوده هلندڙ دور، رئيس شمس‌الدين ’بلبل‘ ڪان شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي. ان متعلق تفصيل سان هن ڪان اڳ مون گهڻو بحث ڪيو آهي. ان ڪي مطالعي ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌ جي اوائلي اصناف، بيت، ڏوهيڙي، ڪافيءَ ۽ وائيءَ ڪان وٺي، عروضي شاعريءَ تائين تبصرو ڪيل آهي — والسّلام.

”خادم“ لاڙڪاڻوي

۲۵- جنوري ۱۹۵۱ع لاڙڪاڻو.

گلشن مصنفن بیریا ۾ غلول "الانسان مرکب من السهو والنسیان" سان پناهه ٿو وٺي.

جيڪڏهن ساري ديوان سان کو هڪ اڌ شعر به ڪنهن کي پسند اچي ته هوءَ ان جي صلي ۾ ساري خطا ۽ خامي معاف ڪرڻ فرمائي. قليل عرصي ۾ ايتري شعر چوڻ تي ۽ منهنجي ڪم مائگيءَ تي وزن آئي، پورو بار عتاب خطاب جو رکن. بلڪ درگذر فرمائين، خار سهوَ کي گلزار تصحيح سان مٽائين.

شمس الدين، 'بلبل'
ميهڙ (سنڌ)
٢٤- جمادي الاول سنه ١٣٠٨ هجري
٦- جنوري ١٨٩١ع

# متن
## (دیوان بلبل)

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

●

سر سخن جي سونهن اول، پاڪ پرور جي ثنا،
خلق جي رزّاق ۽ خلّاق داور جي ثنا.

تيو ڪلام الهام، امرو نهي جو جنهن تي نزول،
واجب آهي، تنهن سچي سالار سرور جي ثنا.

همدم و همراز، هردم، هم مصاحب، يار غار،
صدق دل سان چئو سدا، صديق اڪبر جي ثنا.

هو دلاور دين جو حضرت عمر ابن خطاب،
زينتِ دل، زينتِ محراب و ممبر جي ثنا.

ڪامل الايمان ۽ صاحب حيا، جامع قرآن،
ڪر عجب عثمان، ذوالنّورين انور جي ثنا.

جي ڪريمن سان مدامي، آب ڪوثر کي پيئن،
جو ڪيم، اسدالله غالب، شاهه حيدر جي ثنا.

مالڪِ جنّت آ، سيده نساءالعالمين،
رڪن تي ايمان جو، شبّير، شبّر جي ثنا.

حمزه و عباس، اعليٰ مرتبه، افضل امير،
ڪر سندي ٻارهن امامن، سلڪِ گوهر جي ثنا.

پوءِ سندن اصحاب ۽ اولاد ۽ ازواج تي،
تابعن ۽ تبع تابع هوءِ هر هر جي ثنا.

عالمن ۽ صالحن ۽ مومنن ۽ ڪاملن،
چار مذهب جي امامن، دين گستر جي ثنا.

۽ طريقه معرفت جي سلسلن چشتي سندي،
پر تنهين ۾، نقشبندي خضر رهبر جي ثنا.

پاسبان اسلام جو سلطان اعظم شاه روم،
سنڌ ۾ ڪونسل تنهين جي خانبهادر جي ثنا.

مجتمع احباب وارن دوستن سيني سميت،
۽ "معاون" جي معاون چاپ دفتر جي ثنا.

يار ۽ غمخوار، واقفڪار، سڀ سنڌ و پنجاب،
خيوش اقرب، صله رحمي، هر برادر جي ثنا.

ٿو وطن "ميهڙ" سندو، وه وه جو دل کي وڻي،
هر در و ديوار رونق، باغ بازر جي ثنا.

هيءَ ثناخواني نه ٿيندي، هونءَ ته هرگز دلپسند،
جي ڪندين تون ڪين "بلبل"، دوست دلبر جي ثنا.

●

منجهه شان، لبن لعل، بدخشان چوان ٿا،
مرجان ڪان مر جان ٿي، بيجان چوان ٿا.

ياقوت کي جو قوت، جگر خون ٿيو هردم،
پاپوش تي چسپان جي ٿئي پان چوان ٿا.

بثنسر جي سراسر تي جو گوهر ۾ ڪٿر آهه،
درد ان ۾ دُرِ دانش دندان چوان ٿا.

جهومڪ سندي جهالر ۾ جو جوهر ٻه جواهر،
تنهن ڪن کي انهيءَ ڪان جو دڪان چوان ٿا.

جو چاه ڪري، چند ته زندوئي ٿئي بند،
ان چاه زنخدان کي زندان چوان ٿا.

اقرار ۾ انڪار جو بيڪار ڪري ڪو،
احسان فراموش کي انسان چوان ٿا.

حاسدَ کي ٿئي ساڙ، جو هن فهم سخن ۾،
غلطي ۾ ٿئي غلطان ته شيطان چوان ٿا.

مضمون جو ميمونُ نہ انصاف كري صاف،
معنيٰ جو نہ ٿئي مان، تہ ارمان چوان ڇا.
’بلبل‘ جي غزلخواني ۾، غلغل جي شغل ڪان،
نارَس ٿئي نادان، سخندان چوان ڇا.

●

تڪيندي تڪي پيام، تارَن ۾ تارا،
ڏيو وَر پون ٿا، سي پارَن ۾ پارا.
ائين هوت هاريان ٿو هنجون هجر ۾،
وهن ٿا ڦڙا، جئن نيسارن ۾ سارا.
کولیندي اوهان جي کلي آئي هٿ ۾،
پئلي پيا ويا سپ، ويچارن ۾ چارا.
ٿي هڪ ڪاري ڪاڪل، ۽ بي شامِ فرقت،
ڪيا ان ۾ دل ياد وارن ۾ وارا.
ڪڙي بند زلفن جي اهڙو زبون ڪيو،
لڳي تارَ ۾ تارَ، ڳارن ۾ ڳارا.
ائين تون سڄڻ سائين، سهڻن جي وچ ۾،
تو سونهين جيئن تاجدارن ۾ دارا.
محبت ۾ جيڪي وَڏيا، سي نہ موريا،
ڪري برهہ، ’بلبل‘ بيمارن ۾ مارا.

●

جمالت جو بيان ظاهر، ذرا جانان ڪيو ڇو ٿا،
ائين ٿي، پاڻ کي مٺو ميان منهن سان ڪيو ڇو ٿا.
رخِ انور، هزارن کي، ڪيو حيران حيرت ۾،
تنهين کي ڀول سان ڦيهر وڙي حيران ڪيو ڇو ٿا.

●

جي وس پڄي ڪو منهنجو، ڪيان وات ساڻ وارا،
دردا ڪه راز پنهان، خواهد شد آشڪارا.

وڪٽي هي ميلڪ ساري، ڪيان ترت مان تياري،
باشد ڪه باز بينم، آن يار آشنارا.

ڏاڙهيءَ ۾ هٿ جٿين جو، پادر پرين جا سير تي،
گر تو نمي پسندي، تغيير ڪن قضارا.

سانجهيءَ صبوح چاڙهج، پري پنگ جو پيالو،
تا بر تو عرضه دارد، احوال سلڪ دارا.

ڪُنڊَ ۾ تني جون ڳالهيون، ڳارين چون دل کي،
دلبر ڪه در ڪف او، موم است سنگ خارا.

ميلي ۾ تون وڃين جي، مجرا ڏسين تنين جا،
در رقص حال آرد، پيران پارسا را.

پنڪو ڪڇيءَ ۾ پاتل، جي کيهليو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار مارا.

قلقل صراحي مان ٿي، "بلبل" ٻڌو هي غلغل،
هات الصبوح حيّوا يا ايّها السڪارا.

●

سراپا جو امثال آهي عجب،
عجيبن جو احوال آهي عجب.
ڏنو زلف جو پيچ، رخسار تي،
اهو جيم ۾ دال آهي عجب.

پرون 'بي' سندي باسم بيني الف،
طرح نقطه خال آهي عجب.

دهن 'ميم'، داناء دلبر سندو،
جو قرئت قرأت ۾ هي قال آهي عجب.

ستي ياد نالو سراسر سندس،
فقرن سندو فال آهي عجب.

ٿيو اسم اعظم، سندس پنج انگشت،
عزيزو هي اشڪال آهي عجب.

ڪرڻ لاءِ پرواز، پرين طرف،
هي 'بلبل' پر و بال آهي عجب.

●

ڏسان ٿو خواب ۾ چاٿي ٿو هڪ رب،
ڪه آمد ناگهان، دلدارم امشب.

صفائي سرَ ڪي ڏئي، پتلون پاتم،
بحمدلله نيڪو ڪردارم امشب.

ڪلب اندر وجي ڪاني تي ويٺس،
ڪه سرپوش از طبق بردارم امشب.

چيم دل ۾ ته ٿيندس عيسوي اڄ،
چو منصور ارڪني، بردارم امشب.

چيو، هڪ ميم مون کي، مئي ڊئر سرَ!
رسيده طالع، بيدارم امشب.

ولايت ڏي وڃي ٿيان گل تي 'بلبل'،
ازين سودا ڪه در سر دارم امشب.

●

گهرجي شائق کي هڪ پيالو شراب،
الـصبـوح الـصبـوح يـا احـبـاب.

هڪ پـري چهره پڻ هجي همدم،
الـمـدام الـمـدام يـا احـبـاب.

ڪٿي هٿ آبـرو ۽ مال اتـان،
پس بـنـوشـيـد دائما مئي ناب.

جي حياتيءَ کي تون حلال ڪرين،
مئي نوشين بخور، به بانگ رباب.

آئي اڄ رات جو کُٽي تـي چئو،
افـتـح يـا مـفـتـح الا بـواب.

حيف تن کي هجي جو سانجهيءَ سان،
ڪه به بندند ميڪده به شتاب.

خـوب بيهوش بڻج اي 'بلبل'،
فـاتـقـوالـله، يـا اولـي الـبـاب.

●

ڪنهن فڪل سان تون وڃي هڪوار ڦٻ،
تـي ڦـٽـيءَ جـان وارَ ۾ اي يـار ڦٻ.

ڏس تـه هـو سـاغـر صراحي ٽا وڃن،
مئي سندي محفل ۾ نئي ميخوار ڦٻ.

چو نه خدمت خوبروءَ جي تو ڪرين،
ڪنهن نه ڪنهن ڪم ڪار ۾ بيڪار ڦٻ.

يـار کـي اڄ عـطـر جـو آ انتظار،
تـون ڪـٽـي بغچو بـٽـي عطار ڦٻ.

من رقيبن ۾ بہ ڪو رخنو پوي،
رات جو چوريءَ، گهمي چوڏار ڦب.

چو وٺين پيو، بوءِ، بالائي بهار،
هاڻ ”بلبل“ گل اندر تي خار ڦب.

●

عسرت تي رسي عشق ڪان، ايذا ۾ رهي اپ،
سو طرح سخندان جا طعنا تو سهي اپ.

چاندوڪي جو سنسو نہ ڪر اي يار چمن ۾،
جي نيڻ ڪٽي توڏي تہ اکڙين ۾ لهي اپ.

مَہ رخ مٽي سوتين جي نہ جهالر ڪي سنوارج،
نارنج ۾، ان ريس جي، تي رت نہ وهي اپ.

محبوب، لڪي سوگهو تي سمهجانءِ مبادا،
پاسي ۾ ڏسي، پنهنجي پيو پَتھہ نہ پٿهي اپ.

گردش ۾ اچي، ڦيرو نہ ڏئي، ابتو هي گردون،
بيراهہ، انهيءَ ناهہ ۾، مون سان نہ ٺهي اپ.

هن باد بهاري جو آه انجام خزان تي،
”بلبل“ نہ سهي گل سان، پيو ڪِٽين ۾ ڪهي اپ.

●

ستم سون تي سجڻ تو ڏس ڪيو سپ،
مڙئي، سر تان لنگهي سنهنجي ويو سپ.

اجا پي جي هجئي ڪو دل ۾ ارمان؟
اهي پي ڏک اچي سون کي ڏيو سپ.

وئي جي جان سنهنجي، فڪر ڇا جو،
اوهان جو ڪم تہ بس پورو ٿيو سپ.

سهان تو ڪين تنهنجي ڪين، هڪڙي،
ستم سر تي سڄو، تنهنجو، پيو سپ.

رقيبن روبرو آئي ڏنو سم،
پرينءَ مون کي چيو: پيالو پيو سپ.

سڏائي گلرخن، عشاق کي چيو،
جي ’بلبل‘ ٿيو ته هيئن سيڪ ۾ جيو سپ.

●

ائي پَهر مون کي توهان جي آ تات،
ڏکن جو لنگهيو ڏينهن، رنجور رات.

اول بيوفا تون تئين بر غلط،
ننڍي ۽ وڏي کي اها وائي وات.

پلي چا پيو گذري، وهي واپري،
ڪڏي ڪير ويهي،ڪو توسان ڪهات.

وهامي سگهو رات وئي وصل جي،
ملا کي لڳي، حيّ عاليٰ الصّلوات.

هٽي ڪير توسان ستو سفت ۾،
پڌين ڪين پوڙا تون ”بلبل“ جي بات.

●

ادا هن رَهَ روان ۾، دم غنيمت،
عمر جي ڪاروان ۾، دم غنيمت.

ڏهاڙن چئن جو هي ڇهڇٽو آهه،
دنيا جي نَنهڻَ ۽ هان ۾، دم غنيمت.

پڪي ماڙي نه جي توکي ميسّر،
ڪَچي، ڪنڌي، مڪان ۾، دم غنيمت.

اگر حاصل نہ ٿيو حلوو ۽ پوري،
تہ چانج، خشڪ نانُ ۾، دم غنيمت.

سواريءَ لاءِ جي فيل و شتر ناهہ،
پيادي پا، روانُ ۾، دم غنيمت.

ڪٿي مشهور جي نالو نہ ٿيندو،
تہ بهتر، بي نشان ۾، دم غنيمت.

ڪري وٺ بوستاني گل جي "بلبل"،
اٿئي باغِ جهانُ ۾، دم غنيمت.

●

جانِ جان، پنهنجو يار آهي ڪيٿ؟
مهربان، پنهنجو يار آهي ڪيٿ؟

ڪٿي ڀلا، دور، دل موافق ٿئي،
آسمان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

چو آڏائين ٿو محل ۽ ماڙيون،
هي جهانُ پنهنجو يار آهي ڪٿ.

مون تہ توکي چيو هو، هي محبوب،
اي ميان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

جتي هردم ٿي گڏ گذاريوسون،
سو مڪانُ، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

شوق ٿئي شعر جي چوڻ جو ڪيئن،
قدردان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

ڪهڙو بنائيج نہ باغ ۾ "بلبل"،
باغبان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

●

يدِ بيضا، سچ جو آهي هَٿ،
شال مون تان نہ هوت لاهي هَٿ.

جو سخن ۾ رکي نہ دست رَسيءَ،
سو سپيرين جو ڪيئن سراهي هٿ.

هو ڪري ڪيئن هي ماهيت معلوم،
جنهن جو هن هاجَ ۾ نہ آهي هٿ.

روز، باغِ جينان جو گل تي چنو،
ڏس، حبيبن جو چا نہ چاهي هٿ.

آسمان پيي، اچي زمينءَ تي پوي،
سوز وارو جي هوند ساهي هٿ.

محتسب جي تہ ميڪدي ۾ اڄ،
مستُ، پڳڙي هٽي تو ڊاهي هٿ.

ڪوئي "بلبل" سان گل وفا نہ ڪري،
ائين منهنجو ڏنو آ، ڏاهي هٿ.

●

دل وڃي تون عرض ڪر، دهلين متان دلدار وٽ،
چو نہ حق تنهنجو ٿئي ٿو، جاءِ پهلودار وٽ.

نوڪ ابروءَ جي نوائي، دل کي سٽيو سينڌ وٽ،
ڏس تہ سودائي ٿئي ٿو، قتل ڪيئن بازار وٽ.

ڪئن بچي، سا بي چتي دلڙي، ڏکن جي ڏنگَ کان،
جنهن ڪيو مسڪن مدامي، پنهنجو آهي مارَ وٽ.

چا پڇين ٿو حال اي آزاد، سڪ وارن جو سِرُ،
لٽڪندو ڏسندين ڪڏهن، يا تار وٽ، يا دار وٽ.

ڪڻ پلا سيماب جهڙي دل وٺي يڪجا قرار،
اڄ چڙي وئي چين ڏي، ڪلهہ رهي تاتار وٽ.

ڏس تہ توکي دل چوان ٿو، پڄ نظر جي تيرڪان،
جان ڏئين تان ترت ٿيندءِ، نہ ر جان، خونخوار وٽ.

اي صبا، قاصد صبح جا، ڪر الله ڪارڻ هي ڪم،
وڃ ڪنيون، صلواة جو هديو، سچي سردار وٽ.

وات تي ويندي، گلستان ۾ اگر گڏجيئي گل،
چئينس، رهندين ڪيترو هن بوءِ، خانہ خار وٽ.

هجر ۾ آيا هزارين تي عيادت لاءِ دوست،
تون پڇڻ يي ڪين آئين "بلبل" بيمار وٽ.

●

دل لڳڻ لاءِ، دل ڪري جهٽ پٽ،
مہ رخن تي وڃي مري جهٽ پٽ.

حسن اکيان هي دل، پتاشو ڏس،
جيئن پاڻيءَ ۾ تو ڳري جهٽ پٽ.

جي ڪيان تو سوال بوسي جو،
هٽ هٽي تو وڃي، ڀري جهٽ پٽ.

يار جا نيڻ، فير باڪس چڻ،
باهہ تيليءَ ۾ جئن ٻري جهٽ پٽ.

ڪڻ ناصح ادا مان صبر ڪريان،
ڏک لڳو، سو نٿو ٽري جهٽ پٽ.

جي تون حيلا ڪٽي هزار ڪرين،
ڪڻ لڪيو نانري، پڙي جهٽ پٽ.

صحبتِ بد سندو اثـر بـد ٿـئـي،
کير ڏُڌَ جي پٽي، ڪري جهٽ پٽ.
وَرُ ڏئي تي گلاب جي گل تي،
اچي "بلبل" ذري جهٽ پٽ.

●

ڪري ٿو ڪونہ ڪنهن کي ياد پرپٽ،
هجي، پر هانو پي همزاد، پرپٽ.

جڏهن ڪنهن ملڪ مان ماڻهو لڏي ٿو،
تہ چا آباد، نا آباد، پرپٽ.

سنواري زلف، دل جي دام ڪارڻ،
وڌي آ چَوڻ، اڄ صياد پرپٽ.

رقيبن جي چٽي چو منهن سڻي ٿو،
پڌي ٿو ڪونہ هيٺن فرياد پرپٽ.

وڪالت، عقد لئي، هي آشڪ، ڪافي
ٿئي ايجابَ جو ايجاد، پرپٽ.

فقط تون نام بر، نالو پڌائج،
ڏسان چا تو ٿئي، ارشاد، پرپٽ.

سندءِ قامت جي "بلبل" ڪان پُڌي قال،
رهي سگهہ ٿو سَرُو آزاد، پرپٽ.

●

وئيءَ شيءِ جو ارمان، آهي عبث،
حياتيءَ جو سامان، آهي عبث.

جيئڻ ناهہ، جيتوڻيي، جڳ ۾ گهٽو،
هي گوندر جو گذران، آهي عبث.

ڪيو آڏَ، پرِنُ، هڪ اشاري سان، پيو،
ڪُٺيءَ کي هٿڙ ڪانُ، آهي عبث.

ڪَرن اشڪ اظهار تا رازَ کي،
هي طفلن جو طوفان، آهي عبث.

دونالي دو چشمن ۽، بينيءَ جي مَکِ،
نظر لاءِ نيشان، آهي عبث.

اچائي تو لالي لَبن جي پرين،
چپن ۽ چپن پان، آهي عبث.

عبادت ڪرڻ آهہ افضل مگر،
بنا عشق، انسان، آهي عبث.

ٻڌي داستان، منهنجو، دلبر چيو،
ديواني جو ديوان، آهي عبث.

جهانُ جي گلن کي نہ، "بلبل" ڏي دل،
عبث باغ، بستان، آهي عبث.

●

خطوط برگِ سمن، ياسمين، چا باعث،
رهي ٿي، شوخ کي چين، برجبين، چا باعث.

چڙهي تو زلف کي چوڙي، او منهن مٿي محبوب،
وجهي تو ٻاهہ ۽ ورق عنبرين، چا باعث.

سوال بوسہ، لب تي، کلي دندانِ يار،
چيو تہ پي نہ، اي شيرانگبين، چا باعث.

ٻڌ ۽ تہ ڪالهہ انهيءَ خوبرو جي خال مٿان،
وڪيو ٿي، زاهد، ايمان و دين، چا باعث.

رکيو نہ اهل زمين کي آهہ راهہ پيمائي،
رهي ٿو، چرخ ۾ چرخ ۾ برين، ڇا باعث.

اهو تہ 'بلبل' کي باغبان ڏسج تعبير،
رهي ٿو، خار سان، گل همنشين، ڇا باعث.

●

زلف، جو سيني سڄڻ تي آهہ سپ،
ڪونہ ٿئي ٿو، ان سان تنهن کي ڏاڍ ڏپ.

ڇو لڙي پيو آهہ پستانن مٿان،
ڪير جي چشمي تي تنهن کوڙيو آ چپ.

ڏک سندي، صحرا نوردن تي، اي ڏينهن،
تپ گهٽو، فرقت جو آ پيو ڪين تپ.

گرچہ تون سرهم موافق ٿو رکين،
پر سڄڻ، منهنجو ٽري ٿو ڪين ٽپ.

گرد، گردش سان نہ گڏجي ماهہ کي،
شمعرو تي آهہ ڪاٺوڻ جو ڪپ.

چشم جو باشو چمن ۾ حسن جي،
دل جي 'بلبل' کي ڪٽي ويو ڏيئي جهپ.

●

پري ٿي، آڳ اندر ۾ اچي نہ ٻاهر ٻاڦ،
اچي نہ مينهہ پريان منجهان ٿي ٻاهر ٻاڦ.

فلڪ تون پاڻ سنڀالج، متان ٿئين پرزا،
اچا تہ هاڻ اٿي ٿيي، اللہ تو آهر ٻاڦ.

برهہ جي ٻاهہ جا ڀڀڪا ڪري ٿي، سيني ۾،
جلي وڃي هي بدن، جي ڪري نہ واهر ٻاڦ.

ڪري ٿي، گرمي گردون تي هيءَ جولاف وگزاف،
ٻٽي نہ سا تپش، دل جگر جي ماهر ٻاڦ.
بنايو ٿي جي فسون سازَ، مار فرعوني،
سڙيو سو مار، سحر، آئي جنهن ٿي ساحر ٻاڦ.
اٿاري ٻاهہ ڪي ”بلبل“ ٿو شعر جو شعلو،
ڪڍي جي، شور وشرر جي سخن سان شاعر ٻاڦ.

●

ڪوڏَسيو يارو موں ڪي، دل برده دلبر جو علاج،
اي ادا آهي بہ ڪو هن مرضَ مضطر جو علاج.

زلف جي ڏنگ جو وچي، جنهن حال جو ڪيءَ سان ڪيم،
تنهن چيو، ٿيندو اسان کان ڪين اژدر جو علاج.

اج ڏسي اک جي اشاري سان عجيبن هٿن چيو،
مَر ڏسون ڪهڙو ملان ٿو چاڻي منظر جو علاج.

سڀ طبيبن ٿي چيو، ٿيندو نہ ڪڏهن ڪارگر،
طب، ارسطو جو نہ لقمان جو نہ اڪبر جو علاج.

ٿا چون، جرّاح، هڪڙي زخمِ ابروءَ کان سواءِ،
ٿا ڪيون سڀ، تيغ، خنجر، تير، تبرّ جو علاج.

بوسہ، لب ۽ گزندِ ڏند جو هي ڏَسُ سليو،
ڪونہ ٿئي هيري وڏيل ۽ لعل احمر جو علاج.

دل ڪسي جا گلبدن، سا ڪئن وري موٽيي ملي،
هاڻ پانئج صبر ”بلبل“، ڦهرين نمبر جو علاج.

●

غافل وڃي ولايت، لنؤن ليڊيءَ سان لائج،
سو قرب سان ڪرستان، وڃي جرچ ۾ چوائج.

سِڪ ناچ، راڳ تن جو، پڻ بينڊ باجو بلڪل،
پو خوب ٻڌجي بابو، پيو بينڊ بد بجائج.

پهراڻ، پائجامو، پٽڪو، پنيت، بوڇڻ،
ڏئي ڀڃ تنين کي، ٽوپي، پتلون، ڪوٽ پائج.

ممبر ميونسپل ٿي، ڏي خوب مُڇ کي موڙو،
مخلوق کي رنجائي، سيٽنگ کي ڇمائج.

پنهنجا عزيز، اقرب بيگانا ڄاڻ احمق،
سرمست سرخرو ٿي "صاحب" سدا سڏائج.

مجلس ۾ تنهنجي ڪارو ماڻهو نه مور گهرجي،
ڏئي ڌاڪ "ڊيم فل" جو تنهن کي درئون تڙائج.

تڪبير ۾ وڃي ٿي، سرغ ۽ تتر جي لذّت،
گردن مروڙي، تن جي، پيو جوش ۾ جلائج.

ماڻهو هي واهٽي سڀ ٽا جانور جان؟ ڪائن،
ڇوڇا، ڇريون ۽ ڪانٽا، ٽيبل سٿي رکائج.

سنڌي نفر ۽ نوڪر، سڀ چور ۽ چريا هين،
ٻٽريل ۽ ٻبرچي، لنڊن منجهان منگائج.

سلان توٽي برهمڻ، بيهودگي بڪن پيا،
وعظن ۾ ڪين تن جي، پيو مغز کي کپائج.

بي. اي. جو شوق، "بلبل" رک رات ڏينهن دل ۾،
پيا خيال خوف خطرا، عقبي سندا پلائج.

●

نينهن جو نياپو، صبا آندو ڪٿي ناياب اڄ،
منجهه بهارِ حسن آهي، برهه ڪوليو باب اڄ.

زلف ان جي ڪان جو آئي، زهر آلودي نسيم،
ناگهان تي نيشزن، پيو دل ۾ پيچ و تاب اڄ.

لعل لب ڪان، نرخ، شب جي لعل جو ڪسجي چڪو،
سي سٽي ساراهه سرخيءَ جي ٿيا خوناب اڄ.

يوسفِ ڪنعان جو يارو حُسن ٿيو جلوه نما،
خيال ۾ ڪنهن خوبرو جي جو ڏٺم، خوش خواب اڄ.

ڪر خدايا خير، طرحِ غير تي ٿيي اڪبِ ڦري،
چشم سان چورائيندو ڪو، عقل جو اسباب اڄ.

دام ۾ ڪنهن گل لقا جي ٿيو گرفتاريءَ جو شوق،
ترڪ ڪيو، 'بلبل' تڏهن پيخوف، دانه و آب اڄ.

●

حوصلو دل جو لٽي ويو، هار ڪجهه، سينگار ڪجهه،
ناز ڪجهه، غمّاز ڪجهه، رفتار ڪجهه، گفتار ڪجهه.

وصل جي پيغام تي محبوب، ورنديءَ ۾ چيو،
تي مذبذب، بين ۾، اقرار ڪجهه، انڪار ڪجهه.

جانِ جانان ڪان جو پنهنجي سوال جو گهريم جواب،
هوور ڙيان هائو ڪيائين، چار ڪجهه، ناچار ڪجهه.

چا هي ان ۾، آهه معشوقن جو معمولي عمل،
عاشقن ڪان عار ڪجهه، بيزار ڪجهه ۽ پيار ڪجهه.

پيو نشان ڪهڙو اسان ۾، ڪفر جو ڏسندين ادا،
خال خط رخسار ڪجهه ۽ زلف جو زنار ڪجهه.

آھ فتنـي کي سنڀاريو، در سندس اپـنـيـو رکي،
خـواب جي خمار ڪجھ ۽ اڌ اکين بيدار ڪجھ.

همدم و همراز، ’بلبل‘ سان رهي هر وقت تو،
عشق جو آزار ڪجھ ۽ درد دل افـگـار ڪجھ.

●

واٽ وحدت جي، غير واري پيچ،
بلڪ ديھي دُنيءَ جي ساري پيچ.

پاڻ ڇانئج تہ، پاڻ ’تـون‘ آهين،
هن ڪُڄهارت جي ڳالھ ڳاري پيَچ.

نفس امّاره سان نہ رکـ الفت،
اهڙي سرڪش جي سربراري پيَچ.

مُنهن تي مڙوءِ پو، گيلا جو گهرُ،
تنهن دُوُروئي جي يار، ياري پيَچ.

رکي شانہ، تون شوق جي شب جو،
زلف جـي پـيـچ، پيچداري پيَچ.

رکـ، دَمِ عِدَم، نفيءَ جو تون،
ڪري اثبات، ’لا‘ جي لاري پيَچ.

روز وحدت جي باغ مان ’بلبل‘،
سر بہ زانو تـي سـبز تاري پيَچ.

●

ياد وارن ڏي تہ يڪدل يار اچ،
درد دوريءَ ساڙيو، دلدار اچ.

من گهريا محبوب، ماهي، سون سجڻ،
مـاهـرو منهنجا ٻـمـا مـنـٺـار اچ.

وئي سَحَرُ تنهنجي سڄڻ سڪ سوز ۾،
هئڻ سڪان ٿـو ساهه جا سينگار اچ.

هجرُ ۾ ٿيون هارجن، هنجون هـزار،
هوت، هيڪر، هيج سان هڪوار اچ.

هرگهڙي، هرڪر، اوهان جي ٿي هـُري،
تون هلي هاٽي، هنئين جا هارَ اچ.

نيڻهـن ۾ تنهنجي نسورا، نـازنـيـن،
نيـرَ جا نيـٽـيـن وهن ٿا، نارَ اچ.

ٻـرهه ۾ "بلبل" رهـي ٿـو بيـقـرار،
بـيـوسـيءَ بيحد رکيا هـِن بـارَ اچ.

●

اسان جي انتظاريءَ جو اللهه لـڳ آ، نظر ڪان پڇ،
شرارِ شوق جا شعلا، اچي اک جي شرر ڪان پڇ.

اوهان جي هجر ۾ جانان، ٿـيـو هت حـال آ هيٺو،
ڪيان ڇا ڳالهه پنهنجي، پاڻ تون ساري شهر ڪان پڇ.

جگر جو لخت ٿي ڪاڙهي، ۽ دل جـو خون ٿي پيتم،
گواهي تان اچي، ڳاهي، ڪا دل ڪان پڇ، جگر ڪان پڇ.

پڇين ڏو غير ڪان ڇا يار، منهنجي غـم سندي حالت،
وهائي آهه جا مون تي، اها منهنجي انـدر ڪان پڇ.

رکي تحرير تـي توکي جي آهي تندخـو ڪو شڪ،
زباني ٻي ذرو احـوال، پنهنجي نـامـه بـر ڪان پڇ.

رقيبن روڪ ڪئي اهڙي، جـو در بيٺي چياڙون ٿي،
انـدر آ ڪين، ٻاهر بيهه، پڇنو ٿي تـه در ڪان پڇ.

رهن گلرخ سندي رخسار تي ڪيئن عـرق جا قطرا،
اهو احوال "بلبل" زار، گل جي برگِ تر ڪان پڇ.

●

آءُ پرين، پرت جو پيار قدح،
پُر ڪري، اڄ تہ ڏاڍو ڏيار قدح.

جامِ جانب جو طور، غور ڏسي،
ٿو ڪري، اڄ فلڪ، نثار، قدح.

خوب مستن جي خوشدلي ٿو ڪري،
خوبرو جي هٿان، خمار، قدح.

رند مشرب، خطاب سان خضري،
ٿو رکي، دست ۾، تيار، قدح.

بخدا، باخدا ٿئي سئينوش،
جو پئي ان ڪان پنج بار، قدح.

بزم ۾ بيدلن جي ڪين ٿئي،
چشم ميگون جو برقرار، قدح.

پياس وارن کي پرت جي، ساقي،
ايترو ڏي نہ انتظار، قدح.

گردش روزگار کان ڇا غم،
ٿو ڪري، پنهنجو ڪاروبار، قدح.

داغ لالہ جو، باغ ٿئي 'بلبل'،
جو ڏئي گلعذار يار، قدح.

●

تن زيب، توهان جي تي ڏئي، چست قبا سرخ،
گل چاڪ گريبان ٿو رهي، غم ۾ سدا سرخ.

گلرخ جي اگر سرخ سواريءَ جو سحر ۾،
گلشن مان گذر ٿئي تہ رهي ساري صبا سرخ.

هن پنجئہ جانان مٿي، پامال ڏسي رنگ،
ٿيو پنجئہ مرجانُ سندو، انگشت نما سرخ.

فندق جي ڏسي فن کي ٿيو، فکر ھيَ غالب،
ڪنھن دل جي رتا رت مان ٿيا، ساڻ حِنا سرخ.

مصنوعي وَٽي رنگ نہ ٿئي مثل نڪيي سَٽ،
تنھن لعل لبن ساڻ ڪيو جن کي قضا، سرخ.

گل سرخ جو پردو جي پوي زلف تي هردم،
ان عڪس ڪان هر روز ٿين، صبح و مسا سرخ.

لب لعل، شڪر مال، ڪان بوسي جي عِوضَ ۾،
ڪئي عاشقِ فرهاد بہ شيرين غذا، سرخ.

محبوب جي مذهب ۾ ٿيا فرض رکيا چار،
لب سرخ، زبان سرخ، سرِ دست، دوپا سرخ.

”بلبل“ جي جنازي جي وصيّت هيي ڪئي گل،
ڪٽ سرخ، عطر سرخ، ڪفن سرخ، ردا سرخ.

●

اڪ قَري آهي يار جي آمد،
ٿي نِگهہ ۾ نگار جي آمد.

بوءِ قاصد، صبا مان ٿي معلوم،
يار، مشڪِ تتار جي آمد.

بي طرح تو ڏسي، اٿس ٿيٺي،
چشمِ خون ۾ خمار جي آمد.

سروِ ساجن، جي نونهال اٿي،
آهي شايد، :انار جي آمد.

دل ۾ اڄ ولولو آئي ٿو وري،
آهي، غم جي غبار جي آمد.

سس جي هٿ تي ٿئي نه جي هلچل،
هوند، ڪهنجي بزار جي آمد.

ٿي خوشيءَ ۾ غزل سرائي ڪر،
آئي 'بلبل' بهار جي آمد.

●

چنڊ ڪار ڏئي وار، سڄڻ سر تي سٽي اڏ،
مهتاب سندي منهن جو آبر، زلف لٽي اڏ.

هن سنبلي پيچيده ڪيو پيچ اندر پيچ،
دل اڏ تي ٿئي، چوٽي جو وَر ڏئي ٿو وٽي اڏ.

محبوب سندو، ناز به اعجاز سراسر،
ابروءَ جي اشاري سان، قمر دل جو ڪٽي اڏ.

هن تير نگهه ڪان جو سندم نيم رهي جان،
بوءِ جي بها سان ڪو پلي، جان جو مٽي اڏ.

هن خوبرو جو خواب ۾ ڪئي نيم نگاهي،
جادوءَ جي جبر سان ويو، دل جو جهٽي اڏ.

اڄ باغبان، مضمون سندي آه وفغان تي،
'بلبل' کي ڏنو، بابِ گلستان جو پٽي اڏ.

●

الف جي ساڙي اندر ۾ پنهنجي آڏِ،
پنج طبقا، پڙ ڪري، پوءِ لوءِ لڏِ.

تون نفي اثبات کي اثبات ڪر،
"لا" جي "لا" سان، "لا" سندي سڀ لات ڇڏِ.

منهن رکي مونسي آئي، موجود ٿي،
ماهہ کي سوگهو ڪري، ماجن کي سڏ.

دم تنهين ٿـي، دم ڪنان بيـدم ادا،
ماسوا الله وارا سب محلات مـڏ.

بي وجوديءَ سان حاصل ٿئي شهود،
هن هٿوڻ سان ڪين ڳڏجي هوت، هڏ.

هن جهان فانيءَ جي "بلبل" باغ ۾،
دل دنيا جي گلرخن سان ڪيم گڏ.

●

هن چست فسون ساز سان ڪنهن جو نہ چَلي منڊ،
جو چشم جي جادوءَ سان جادوءَ جو جهَلي منڊ.

هن وار سندي مار کي لڪَ وار ڪٽي مار،
گوڪي جي گروءَ جو نہ هنومان جو هلي منڊ.

هي نانگ نہ ڪنهن ڏانگ جي ڏهڪارڪان ڏرندو،
افعي، نڪو اژدر سندي جوڳيءَ جو جهلي منڊ.

سو تال، جي جيپال ڪري، دشت و جبل ۾،
هن مار کي سو وار نہ مرليءَ جو مَلي منڊ.

جنهن ريت، هنرَ جيت، سان هي زلف ٿئي زير،
سو سامري ساحر ٿو صحي ڪين سلي منڊ.

شب تار، گل شمع چيو، تار کي ڏسندي،
ڏس ڪٿن تو هنيون، "بلبل" بي پر، هي بَلي منڊ.

●

ڪجي نہ پست پين سان، اي يار پيارا ڏاڍ،
ڪِ سمجهہ سرنديءَ وارا، هلن نہ سارا ڏاڍ.

تون سچ چئين ٿو، ڪنهن ڪي نقو ستائين، پر
سڄڻ ٿا، زلف مسلسل سندا، اشارا ڏاڍ.

جواب ڏس تہ سُڪو چاهہ، منهنجي رشڪ ڪليم،
اهو تہ: ”نيٺ ڪندا سائين ناز وارا ڏاڍ.“

هي ڇا مجال، سچهن جڻ چوي: ”ائين ناهي!“
ڏيکاري ڏينهن ڏٺي جو ٿو ترت، تارا ڏاڍ.

هجي جي هڪڙو ڪوڏاڍو تہ آن ڪي سنهن بہ ڏجي،
هي ڪن ٿا زلف، زبر، نيڻ جا نظارا ڏاڍ.

سري ٿي ڪينڪي ساعت، جنين جي جانب ري،
سهن ٿا سيئي، ڏٺي ور، وري ويچارا ڏاڍ.

ڪرين ٿو ڪلڪل، بيهودو، غصو، ”بلبل“ سان،
ڪِ ڏج خدا ڪان، اي خوشرو نہ ڪر خدارا، ڏاڍ.

●

لب شير شڪر، قند تہ تنهنجو دهن لذيذ،
هن باغِ سراپاءِ ۾ تہ سيبِ ذقن لذيذ.

ڇا ڇا نہ چوان، شير و شڪر، ماڪي ڪِ مصري،
مطلب تہ سڀ آهين، ۽ سارو بدن لذيذ.

آهي نہ مٺو خاص فقط جسم سندءِ، پر
رفتار ۽ گفتار سندو، فڪر و فن لذيذ.

شيرين سندي شوق ۾ ٿي ڪوهہ پيو ”قند“،
پٿر ڪي بہ سمجهيو ٿي، جنهين ڪوه ڪن لذيذ.

ٿو غم کي غذا چاٽان ۽ دک درد دوا پڻ،
عاشق کي محبّت ۾ آهي هر سخن لذيذ.
جڻ چڻ ٿي لبِ يار تي مضمون کي سوچيم،
تڻ تڻ ٿي برآمد ٿيو هي حسنِ ظن لذيذ
گلرخ جي بنا ڪين وڻي باغ ٿو "بلبل"،
جنهن ۾ نہ هجي گل سو لڳي، ڪيئن چمن لذيذ.

●

زلف تنهنجي جي آڙي آ، دل ۾ ساري راتِ، تار،
ان تصوّر ۾ ڪٽينيدي وئي، تہ ڪٿن ٿئي رام، مار.
مون گهٽوئي، عشق کي مَن جي اندر مخفي ڪيو،
پر روئي اکڙيون ٿيي ڪن ٿيون، عام ظاهر راز، زار.
سچ پچين منهنجي تہ مرضي آهہِ دائمي گڏ رهون،
هاٽي اکتي جڻن ٿئي ازروءِ مصلح، راءِ، يار.
نقد موڙي مال ودل جي سڀ تلخ تاراج ڪر،
اي چريا اک ۾ تہ تارج تن ۾ پنهنجي راس، سار.
هن محبّت، جانبازيءَ، جنگ جُو، ميدان ۾،
قتل ٿي ڪيئي ڪري ويا، رڻ ۾ پنهنجا راو، وار.
هي ٿئين جي ٿول پاسي ٿيا تہ پنهنجا ڪيمِ چاڻ،
رک تريءَ تلوار هردم، مرد، پنهنجي، ران، نار.
عشق گل گل بي بقا کان شوق، "بلبل" بند ڪير،
لعل وگوهر، دم غنيمت جاڻ نہ تون هين راهہَ - هار.

●

تنهنجي لباس لال کان گلنار نار، نار.
۽ زلف مشڪ بوءِ سان، مشڪ تتارَ، تار.
جنهن وقت، جوڙ توڙ سان، گلشن ۾ ٿو گهمين،
تڏ رشڪ ساڻ ٿو رئي، گلزار، زار، زار.

منجهہ يـاد سَروقـد، هتي هر ويـل تي وَهي،
هڪ نهر نيڻ نيڻ مان، خـونــبار، بار، بار.
ڪو ڏينهن يـاد ڪر تـہ سندءِ هس وفا شعار،
هاڻي ڪيا سڄڻ، ڪئين اغيـار، يـار، يـار.
سو چـو هجي نـہ فَند ۾ چَندن ڪان فڪرمند،
جنهن جي پوي ٿي، مه روئي مڪار ساڻ ڪار.
سيني ۾ خـار خـار نـہ چا ڪـان خلش ڪري،
باد۾ رهي ٿـو، هين گُل بي خار ساڻ خار.
پيغامِ غيـر، صحبتِ بي يار ڏئـي صبا،
هن طرح تي تون "بلبلِ" بيمار ڪي نـہ مار.

●

"وَنگي" دل وئين منهنجي ولِ ساڻ وَر،
چنان هوت، "چاهون" نـہ تـو لئي چـپـر.
سوا تو نہ "گـدڙن" ۾ بـگهڙن جا هَل،
ڏڪـي هاڻ ڏونـگـر، "ميٺي" ڪيم ڏر.
پنهل لـئـي اتـي "پـاءِ لـَڪ" ۾ ليا،
"ڪري لاڙ" لـوڪن ڪنان ٽيلهہ ٽـر.
ستيرن، ميـن، ڪين ڪٺڪيو ڪڏهن،
ڏئـو نـنـڊ، "چـوڪو" بـہ آبـل آبـر.
اديون، "ري پـڙائـيءَ" نـہ رب جي رسان،
جبـل ۾ وهـائـن اکـيـون جام، جـر.
پنهون چام تنهنجو نـہ شل غم ڏسان،
جو "توريءَ" ڪو منهنجو نہ واهر نہ ور.
تـوٽـي منهنجي ڏيـرن ۾ ها ويـرَ وَڏَ،
نـہ تن کان پيم ڪو "ڪدو" رت ڪـٽـر.
نہ "بلبل" تون رَڪ، بـاغ، چوڙا، اگهن،
خـزان بـاد رنـگـي ڪو آئـي نـہ بـر.

●

سوال هي جو ڪيم ته سائين نه سونهين،
تو دلربا کي گهڙ پڙ.
جواب جلدي ڏنو هي جانان،
نه گهرجي پڻ تو گدا کي گهڙ پڙ.

لکيم ٿي اج رات، هي عريضي،
دو پشت مضمون هو طول پيچي،
رهي ٿي دل ساڻ منهنجي هردم،
توهان جي زلفِ دوتا کي گهڙ پڙ.

هو گوڙ گلشن ۾ اج ته اهڙو،
جو غنچه غنچه جو بند دم هو،
جو تنگِ گرميءَ کان گلبدن ٿي،
ڪيو ٿي بندِ قبا کي گهڙ پڙ.

گذر ڪيو آهي ڪالهه شايد،
سحر جو محبوب جي مڪان تان،
ائين پڌو ٿم ته ڏينهن سارو،
هئي گلن سان صبا کي گهڙ پڙ.

سڏائي هڪ ڏينهن، سرّ و آزاد،
مون کي اهڙي ڏني نصيحت،
نهال نازانِ حسن و خوبي،
ٿي چا لڳي بينوا کي گهڙ پڙ.

ڪيو هزارن کي شاهِ ڪونين،
آهنجي قامت، بغيرِ سايه،
ائين ٿي معدوم ٿي رهڻ کان،
وڏي آ سايهِ هما کي گهڙ پڙ.

وسيلي تانيث سان جو ابليس،
خلد گهر مان تڙايو آدم،
سبب، اهي حرڪتون ٿي چئجن،
رهي ٿي هت پڻ حوا کي گڙ ٻڙ.

جو اهل معنيٰ، مزاج منصف،
سو منهنجي مضمون کي سڃيندو،
جو آهي حاسد، اصل کان "بلبل"،
هجي تنهين کي ادا کي گڙ ٻڙ.

●

زلف، ابرو، خال خط، جاتي هجن هي چار چيز،
قيد، قتل ۽ دام قاسي، ٿا سکن هي چار چيز.

حسن حضرت شاهه اگيان، منجهه پلڪَ انسان کان،
دين، ايمان، عقل، دل، وهلو وڃن هي چار چيز.

عشق جا جنهن جي جٺي تي، ٿا لڳن تنبو تڏهن،
صبر، شرم ۽ عيش، عزّت، ڪوچ ڪن، هي چار چيز.

زود رنجي ۽ تڪبر، بيوفائي ۽ رُسڻ،
دائما، دلدار وٽ، حاضر رهن، هي چار چيز.

ٻرهه جي بازار ۾ جيڪو اچي سودو وٺڻ،
درد، زحمت، ياس، حسرت، ٿا ميان، هي چار چيز.

بيقراري، دل فگاري، انتظاري، اضطراب،
مونس ۽ همراز سي، هر وقت هين، هي چار چيز.

هجر ۾ دلدار جي آهي رهڻ، اهڙيءَ طرح،
آب، نان ۽ خواب، راحت، ٿا ڀڄن، هي چار چيز.

دين و ايمان، تندّرستي، آبرو، "بلبل" کي ربّ،
ڪر عطا ان کي وسيلي پنجتن، هي چار چيز.

●

گردش گردون کان تيس، ناڪام بس،
تون فقط، جاني پيارج جام بس.

مرغ دل جي لاءِ، نو صياد کي،
خال، داڻا، زلف آهن، دام بس.

آهه ڪافي عاشقن جي قتل لئي،
ابروئيي تنهنجي صنم صمصام بس.

آهي خالي خشڪ مغزن کي مفيد،
چشم تنهنجي، روغن بادام بس.

هو تپ هجران، اڪيئي سور ساڻ،
اڄ تہ سودا مان ٿيو سرسام بس.

سَرو کي ڇو لاهي پنهنجو لاڏ، جو
هاڻي تنهنجو مثل ٿيو آ عام بس.

واءِ جي شايد وئي سوسن قُري،
جو پرين جو آهہ ٿيو پيغام بس.

ڇو هٺو دم، عندليبو عشق جو،
برهہ ۾ 'بلبل' ٿيو بدنام بس.

●

جان آخر وئيي آيو نہ هو جاني افسوس،
دل سندو دل ۾ رهيو، راز نهاني افسوس.

صبر ايوب ڪيم، گريہ يعقوب ڪيم،
نہ مليو، پر نہ مليو يوسف، ثاني افسوس.

مشڪ زلفين جون وڪاڻيون ٿي اکيي ٿي رَتيون،
ڪئي وري گول گره ان ۾ گراني افسوس.

جڏهن تصوير ۾ نڪتو نہ بريزاد جو ناز،
اٿي بيوس ڇيو بهزاد تہ ماني افسوس.

چو انهيءَ خيال ۾ تون خونِ جگر پيو ڪائين،
ڪير تنهنجي هي ڪندو، قدرِ معاني افسوس.

ڏسي دلبر، منهنجي ديوان کي گلشن ۾ چيو:
بس رڳي، هيءَ رهي، 'بلبل' جي نشاني افسوس.

●

سودي سرور سرمد جي راس آهي ناس،
ڪل عقل ۽ قياس جي اجناس آهي ناس.

آ رشڪ درج درّ جي دہلي سندي دهن،
هڪ دم سو لعل، زمرد و الماس آهہ ناس.

مسهل ٿئي ٿي مغز جي، خمسہ حواس حل،
نزلہ نزول خارجِ خنّاس آهہ ناس.

چڙهي تنهين جي چاڙهي ٿي، عرشِ عظيم تي،
دافع بلاء، نافعِ وسواس آهہ ناس.

عقده ڪشا، حقائقِ اسرار غيب جي،
عبرت نما عجائب منجهہ ناس آهہ ناس.

قدسي صفت جو قبلو، رستو آ ذات جو،
منزل مراد، پاس ۽ انفاس آهہ ناس.

سمجهي سخن کي منهنجي تو سالڪ فصيح ڪو،
'بلبل' بلاغتن جي صحي باس آهہ ناس.

●

سونی بهار آئي، چمن لالہ زار ڏس،
هن باغِ دل جي داغ کي اڄ نوبهار ڏس.

بوئي نسيم زلفِ سيه، مشڪبار ڪان،
سرسبز، سمن، سنبل و تر، تابدار ڏس.

بيدار ۽ نزار، اچڻ جي اميد ۾،
هن چشمِ انتظار جڻن، نرگس ڪي يار ڏس.

ڪيو هجر ۾ اوهان جي، اي گلرو ۽ گلبدن،
گلزار بي خزان کي خار خار ڏس.

محروم سايہ، قامتِ مجنون، مثل مدام،
تنهنجي جدائي کان هي سروَ جوئبار ڏس.

مستن کي عشق ۾ نٿو يڪجا رهي قرار،
جامِ مئي کان گردشِ، در روزگار ڏس.

اي برق سوز خرمنِ صبر و قرارِ دل
اک اشڪبار مان هي، گهرَ آبدار ڏس.

انصاف شرط آهہ، عدالت ۾ عشق جي،
پنهنجي جفا ۽ منهنجي وفا، بار بار ڏس.

خاطو ۽ ناظرينِ شعراء ۾ شور پيو،
آئي چمن ۾ 'بلبل'، هو بيقرار ڏس.

●

روز مون کي، تنهن يگاني يار جي آهي ڪشش،
دل اندر، دلدار جي ديدار جي آهي ڪشش.

دانئم، تسبيح مان مطلب نہ منهنجو ٿيو تمام،
زاهد اڄ، زلف جي زنّار جي آهي ڪشش.

هُس، گهٽائي ڏينهن، مسجد ۾ مصلّي اي ملان،
ابروئي محراب جي خمدار جـي آهي ڪشش.

ٿا رهن، محبوب جي مصحف اندر پارا پڙهيه،
ورد ۽ اوراد ان اذڪار جـي آهي ڪشش.

ڪالهہ ميخاني ۾ رندن جي، ٿئي گروي رهيا،
مولويءَ جي جبہ و دستار جـي آهي ڪشش.

چونہ دشمن ٿئي دورنگو مات ۽ مغلوب سو،
حبِّ مون کي حيدر ڪرّار جي آهي ڪشش.

تپّ هجران ۾ وري اڄ 'بلبل' بيمار کي،
سَرو ساجن مان ثمر، آثار جي آهي ڪشش.

●

شه حسن مهہ زنگئي و شهزور پس و پيش،
ٿا دل کي هڻن ڌاڙو تہ شبِ چور پس و پيش.

محبوب کان مخفي نہ رهي، عشق جو احوال،
جلاّ ۾ برابر آ تيو بلّور، پس و پيش.

تو سنگدلن سان جو رهي، شيشہ خاطر،
سو نيست پتجي پوندو، ٿي پور، پس و پيش.

سي داغِ جگر، مثل ڏيئن جي رهيا روشن،
لڳندي سا ڪڏهن آتشِ بيءِ طور، پس و پيش.

تون سيک نہ مٺا سائين، ستم جي اها عادت،
ڪنهن ڏينهن ڪندو جهيڙو اهو جور، پس و پيش.

'بلبل' تو لڪائين، ائين بازن کان پکيءِ دل،
هڪڙو نہ پيو نيندئي، خونخور، پس و پيش.

●

چو يار کيو مون کي تو يڪبار فراموش،
منهنجي ته نه ٿئي، دل کان تو، زنهار فراموش.

رنيءَ عشق سندءِ، ڪفر نه اسلام تو ڇاڏان،
تسبيح فراموش ته زنار فراموش.

جئن آهه وساريو مون کي پرديس ۾ پريءَ،
ڪو يار ٿئي ڪنهن کان نه هيئن يار فراموش.

ڪجهه ياد رهيو تو ڪي نه اي يار، هجر ۾،
انڪار فراموش نه اقرار فراموش.

چاتم ته ڪندين تون دلِ بيمار جو ارمان،
پر تو نه ڪيو زار هي بيمار فراموش.

"بلبل" ته ڪيو ڪين ڪڏهن باغ ۾ گل گل،
گلزار فراموش نه آزهبار فراموش.

●

رکن ٿا ڪين ڪنهين ساڻ، سيمبر اخلاص،
جي ڀاڻ سيم بدن، تن جو سيم و زر اخلاص.

هي چند روز جو چٽڪو، ٿيو ٿيو نه ٿيو،
غرض جي ياري فقط، فتنه و شرر؛ اخلاص.

نه لهو و لعب جي بازيءَ ۾، مرد ٿئي مشغول،
رکي جو طفل هجي، راند ۾ نظر، اخلاص.

ڏسو ته دور جهان جي دلين کي ڪيئن ميٽيو،
نه پاڻ پاڻ ته پيءُ کي سندو پسر، اخلاص.

هزار حسن انهيءَ هڪ حسين جي آڏو هيچ!
رهي تو شمس به شيدا، رکي قمر، اخلاص.

سيئي ماڻهو سڏن ٿا تہ بت پرست آهيان،
ائين صحي ٿي هجي، شل اهو اندر، اخلاص.

سوال شام و سحر هي سندوم تابہ لحد،
الاهي گل سان جي "بلبل" ڪري بر، اخلاص.

●

واعظا سون ڪي نہ ڪو ٿي، دين و ايمان سان غرض،
مصحفِ روشن ڏسان پيو، چاهي قرآن سان غرض.

پيا نڪي دوزخ سندي درجات جا ڏڙڪا ڏيو،
تہ طلب طبقات جنّت جي نہ غلمان سان غرض.

چو مزوريءَ ۾ مرين پيو، اي ميال مهجورِ حق،
رک نہ اجرت جي پيائي، اجر و عصيان سان غرض.

گرچہ ظاهر غير شرعي بات، ظاهر ٿي ٿئي،
سمجهہ ۾ سالڪ وڃن پيو، ناهہ نادان سان غرض.

نوڪ ابروءَ چي ڪيو آ، نيم بسمل پر اچان،
ڪم تمامي لاءِ آهي، تير مژگان سان غرض.

قطره قطره اشڪ بنهنجو، رشڪِ گوهر تو ٿئي،
صدق دل منهنجي ڪي ناهي، ابر نيسان سان غرض.

قال جو تون قال ڇڏ، پر حال جو تون حال ڪر،
جو اچا توکي آ "بلبل"، صحن بستان سان غرض.

●

تنهنجي نظر جي آسري، مون ڪيو وطن غلط،
آرام غلط، عيش غلط، تن، بدن غلط.

صد حيف اي پرين نہ سندءِ ڳالهہ هڪ بڙي،
وعدو غلط، وفا بہ غلط، سڀ سخن غلط.

دل جي دلال ڪالھہ جو لبَ جو ڪيو ٿي ذڪر،
تيو خام جوهرين ۾ عقيقِ يمن، غلط.

خوشبوءِ تارِ زلف جي، تاتار ۾ رسي،
ماڻهن ۾ ڏيو پڙهو تہ تيو مشڪِ ختن غلط.

افسانۂ حيات ٻڌي، عقل هُن چيو،
ليلا غلط ۽ قيس غلط، نل-دمن غلط.

'بلبل' ڏٺو جو گهُور ڪري، گل بدنيءَ کي،
بستان ۾ بہ ڪيو صفحۂ برگِ سمن غلط.

●

خط رسَن ساڻ، مون ڏي آيو خط،
فصلِ حسُن نظر، پچايو خط.

حلقۂ مہ بہ خود ٿيو حلقہ بگوش،
جڏِ پريَنِ ناهہَ ۾ ٺهايو خط.

ڪر مطالعه ائين، نہ ملَڪ ٻڌن،
جو هُنن ٻيي لڪايو خط.

آهي، منهنجو بہ ذڪر ڪو ان ۾!
ٻيلي، يارو مون کي ٻڌايو خط.

منهنجي زاري، ٻڌي ٿي زور ڪيليو،
هن پرينءَ تي جڏهن پڙهايو خط.

هوت ورتو لفافو، جو هَٿَ ۾،
ان خوشيءَ کان نٿي سمايو خط.

گلرخن تي چيو، چمن ۾ گڏ،
اج تہ 'بلبل' ڏي ڪو اڏايو خط.

●

اڄ آهہ چڙهي سنهنجي، چمبر جو خدا حافظ،
پر دل بہ کئي رخصت، دلبر جو خدا حافظ.

ڪاڪل کي سجڻ کولي، ڪلهہ بام تي هو ويٺو،
آئي ٿي صبا چوندي، عنبر جو خدا حافظ.

زلفن ۾ ڏسي قابو، هڪ ترڪ ڏنو طعنو،
اسلام جي هيءَ حالت، ڪافر جو خدا حافظ.

هن سروِ خرامان کي اڄ سير جو ٿيو معيو،
گلشن ۾ چيو گلڙن، هر-بر جو خدا حافظ.

هو فتنہ قامت آ، هو پاڻ قيامت آ،
تون شر کان بچچ اي دل، محشر جو خدا حافظ.

قسمت جي قفس هن ۾، پابند ڏسي مون کي،
گلرخ ٿي چيو، 'بلبل'، بي پَر جو خدا حافظ.

●

جو آهہ زلف، خط و خال خوبرو ۾ حظ،
نہ آهہ سنبل گلگل جي رنگ و بو ۾ حظ.

هجي مبارڪ توکي ميان، هي باغ-بهشت،
اسان کي آهہ مليو، حسنِ جان جي ڪو ۾ حظ.

نہ آهہ ڪيف ڪو اهڙو ٿيو جامِ ڪوثر ۾،
جو آهي، پيرِ مغان جي سٺي-سبو ۾ حظ.

چون ٿا، نينهن نياپي ڪڏهن ٿو ڪين ٿئي،
سو سچ تہ آهہ ٿيو، دلبر سان دوبدو ۾ حظ.

ٿو هاريان مان هنجون، قامتِ صنم کي ڏسي،
اچي ٿو سرو کي جهڙو، روانِ جُو ۾ حظ.

نہ آيو 'بلبل' نالان کي بوستان ۾ قرار،
تہ ڪِسڪ سور پڙهي، ٿيو چڪر رُفو ۾ حظ.

●

مون کي ڏسڻ گهرين ٿو تان ڏس تون گدازِ شمع،
مون کان سکي چڪي آهي، سڀ سوز و سازِ شمع.

پنهنجي اندر ۾ پاڻ ڳري ٿيي، انهيءَ سبب،
ظاهر ڪري ٿي ڪين، ڪنهين ساڻ، راز شمع.

ٿي هم مثال منهنجي، اڄان تي گهٽو گهري،
جو راتِ تي رُئي تہ رهي روز، باز شمع.

جي مون سان گڏ هلي، هو شمع رو جو منهن ڏسي،
پروانو هوند پاڻ سهي، ڪين، ناز شمع.

محفل ۾ رات يار نہ آيو ۽ سحر ٿي،
پاڻيءَ شرم ۾ غرق ٿي، آڏري ويو، قاز شمع.

'بلبل' مثال ٿي رهي، هوءَ راتِ حوض ۾،
مجلس ۾ ان سبب ٿي رهي، سرفراز شمع.

●

هزار سال ٿيو، هجر ۾ گذار، دريغ،
مٿي تي آيو آجل پر نہ آيو يار، دريغ.

رهيو هي نزع جي عالم ۾ هاءِ جان؟، افسوس!
قدم نگارِ صنم تي نہ ٿي نثار، دريغ.

ٻڌاءِ مون کي سڄڻ، تنهنجي، 'ها' وئي ڪاڏي،
ڪيئي ٿي قول ۽ اقرار، بار بار دريغ.

ڪيو جو قامتِ رعنا ڪي مون ڏسي سجدو،
سُلن چيو ته ڪجي، هن ڪي سنگسار دريغ.

ڪهي خيال بلندي، ڪهي آ حال نشيب،
انهين، عروج، نزولن ۾ ويس ٿي زار دريغ.

چمن ۾ ڪالهه، گلن ڪي هنُئي، هيي چور پچور،
ٿئي نه ”بلبل“ جي باغ ۾، مزار، دريغ.

●

فسادِ فسق ۾ گذري، هي عمر ساري حيف،
وئي نه نفس شقيءَ کان، شرر شراري حيف.

اخير وقت ٿيو، پر مليو نه يار عجيب،
اکين ۾ روز گذاري، هي انتظاري حيف.

شريڪِ غم ٿي رهيس، جن سندو سدا غمخوار،
انهن مان ڪنهن نه ڪئي آه! پوئواري حيف.

رهان ٿو سيم بدن جي خيال ۾ سيماب،
فراقِ يار ۾ دل ڪي هجي، فراري حيف.

فلڪ تي آه! جو ڪرّو بيان رهيا خاموش،
اثر پذير نه ٿي، منهنجي آه و زاري حيف.

خزان ۾ هاڻ اچن ٿا، جو خار خار نظر،
هزار حيف جو ”بلبل“ وئي بهاري حيف!

●

عشق جي آهنجن، آڙاوَن جو رکن ٿا جي وقوف،
سوز ۽ ساڙي سهن جو خوب ڄاڻن سي وقوف.

زلف جو انڪاڪ، شاني سان لهي ٿو دوستو،
دل سندي انڪاڪ جو بي يار ڪو آهي وقوف.

مون گهٽو دل کي لڪايو، دست بُرد ِ درد کان،
پر ڪٽي چوري وڃن ٿا، آھ ھي جن کي وقوف.

جان جي نقدي ڏيڻ سان، جان جو ملندو سراغ،
حال تان دلڙي رکن ٿا، رِھن وانگر، ري وقوف.

سيم و زر جي حب" وارا، ڪشتگانِ سيمِ تن،
موت کولي ٿو چڏي، انجام جو تن تي وقوف.

شعر سازيءَ ۾ سياڻو ٿا سڏن، توکي اگر،
ڊول بازيءَ ۾ چون ٿا، آھ "بلبل" بي وقوف.

●

زلف مسلسل هڪ طرف، ريحان ۽ سنبل ٻي طرف،
ڪنڊڙا ڪاڪل هڪ طرف، ابرو سندو غل ٻي طرف.

اي صنم، انداز تنهنجي جو شهر ۾ شور هو،
غمزن جو غلغل هڪ طرف ۽ حسن جو هُل ٻي طرف.

تنهنجي رِندن، سُڪر ۾ سارَھ ڪئي وردِ زبان،
مينا جي قلقل هڪ طرف، ساغر سندو مل ٻي طرف.

تنهنجي ميخاني تي ساقي، آھ عالَم جي نگاھ،
مستن جي هلچل هڪ طرف، عالَم جهان؟ ڪُل ٻي طرف.

هن شوخ کي جو شعر جو ٿيو شوق، تا ڪيندي ڏنو،
ديوان "گل" جو هڪ طرف، ديوان "بلبل" ٻي طرف.

●

جي ڪيان هڪ ذرو بيانِ فراق،
تہ جلي سڀ وڃي، جهانِ فراق.

شل پوي کو فراق ۾ ٻہ فراق،
وصل ۾ هو نہ هي گمانِ فراق.

ذمن تصور ۾ تير مژگان کي،
هي رکيم دل اندر، نشان فراق.

وارَ ميرَ جا مٽي تي بارَ ٿيا،
هيٺن کيو آهي ناتوان فراق.

زلف کلهہ ڳالهہ ٿي کٿي کڻ ۾،
وارَ سان ٿو وڍيان، زبان فراق.

ڪم ته پنهنجو، صبا مان ٿو نکري،
تو کيو چا حيا، زبان فراق.

سوز وارن جي آ وڏي ساهي،
نيٺ آخر ڪندو نيدان فراق.

سڀ هلي تان ٻڌو، طيور چمن،
اج ته "بلبل" جو داستان فراق.

●

اي صبا جا پيڪ، مون سان ڪر پلائي پال هڪ،
نئين ٻڌائج نياز سان، اڄ هوت کي احوال هڪ.

چئينس: مان جهڙو ڪ تهڙو، ته به ته تنهنجو آهيان،
گرچه مان بدڪار آهيان، نيڪ کو اعمال هڪ.

تون نه مون کان منهن مٽائج، ڪنهن طرح منهنجا پرين،
ڇو ته سائين کو کيو ٿي، تنهنجي سائل سوال هڪ.

ريءَ عذر ۽ ريءَ پڇا، هي نقد جان حاضر ڪريان،
جنس تنهنجي حسن مان، جاني ملي جي خال هڪ.

ٻيا ته لاڳاپا اڪيئي، مون سڀئي لاهي ڇڏيا،
بلڪ هاڻي ٿيو جدائيءَ ۾ جيئڻ جنجال هڪ.

رشتهٔ اخلاص سڀ ھرڪو وجي ٿي منقطع،
مالوارن جو نہ ٿئي شل، مفت ضايع مال ھڪ.
باغبان کان ٿي پڇيو ”بلبل“ تہ ڪڏ ايندو بهار،
تنهن چيو، گهرجي اجان گل جي ڪمائڻ ۾ سال ھڪ.

●

زلف نا اهڙا پرين پيچيده رک،
دل نہ منهنجي غم اندر غلطيده رک.

جي نٿي قالين تي پڪڙي قرار،
تان ڪٿين بالين تي باليده رک.

چو گرفتارن ڪي گريان ٿو رکين،
خوبرو اهڙي نہ خو، خنديده رک.

خوردساليءَ ۾ ڪرين چو ٿو خلل،
ھي پڇڙ ڪهن پير کان پرسيده رک.

ماسوا محبوب جي پيو ڪيم ڏس،
دوست ! جهون ديده کي ناديده رک.

اي ادا، گلچين، دامن کي سنڀال،
ھن چمن اجمال مان گل چيده رک.

قامتِ سنجيده جو ”بلبل“ مثال،
ٿي سکهي تا، سڀ سخن سنجيده رک.

●

جو گل بدن تي لباسِ سفيد، پهري شنگ،
ڪري ٿو، جلوهٔ فانوس ۾ سو آتش رنگ.

نٿي ٿو چاڪ پريشان مثال ماهِ منير،
رهي ٿو عقدِ ثريا کي هار، ۽ گل کان ننگ.

شب بدر جو بدر ڏو ٿئي بدر گهر ڪان،
ٿين هزار ٿا انجم نثار شمع پتنگ.

هي سنگدل جي ستم ڪان ٿي حجر اسود دل،
اتي نہ شڪوه جو شعلو اندر، شراره سنگ.

مثال لعل لبن ڪان، زبان لعل رهي،
انهيءَ جي تنگ دهن لئي، رديف قافيو تنگ.

جهان جي باغ ۾ "بلبل" ڪي آهي خوي مجاز،
رهي نہ گل تي سندس دل ڪئي ڪاہ، دير درنگ.

●

مردن موالين لئي معجون آهي ڀنگ،
عشرت ۽ عيش ڪارڻ، افزون آهي ڀنگ.

شجر حيا ۽ شاخ نظاري، نياز جي،
منجهہ سبزه زار، نرگس گلگون آهہ ڀنگ.

ڪونڊو تنهين جو دائرو هفت زمين آ،
ڏنڊو تنهين جو گردش گردون آهہ ڀنگ.

صافو تنهين جو صافيءِ باطن، رهي مدام،
مصري پٽي تہ ساڪي ٿي ذوالنون آهہ ڀنگ.

ڀنڪي تنهين جي منزل ملڪوت ڪي رسي،
خشڪي تنهين جي مقصد مجنون آهہ ڀنگ.

تنهن جي ڀرولي، ڪو تہ پروڙي، موالي مرد،
"بلبل" سندو، معاني مضمون آهہ ڀنگ.

●

نہ توسان کو هاٿي لڳم لاءِ لڳ،
هتي عشق آدم کان آيو آ اڳ.

ڪڏي سينڌ زلفن ۾ آهي سڄڻ،
دلين جي وڇڻ لاءِ ٺاهيو آ ڏڳ.

نہ مون کي وٺيو آهہ تنهنجو جمال،
گواهہ ان جو سارو جهان آهہ جڳ.

ڏسي دل ٽي توکي، چوَ ڍهليءَ وڃي،
مٽان کو هڃين تون بہ ڍهليءَ جو ڏڳ.

ڪٿي ڪالهہ چوري، جا تو چشم سان،
سڄاتو اٿم، هاڻ سيني ۾ سگ.

تڏهن توکي شاباس چوان شيشہ گر،
جو ٺاهين تون دل جو ڳنڍي پور پڳ.

گلستان ۾ هر گل جي خوشبوءِ آئي،
تون "بلبل" پيو اهڙيءَ تاريءَ ۾ تگ.

●

خراج هفت ولايت چوَن، دهن جو آگهہ،
بهاءِ زلف نہ ٿهندي، زمين زمن جو اگهہ.

جي تار زلف جي هڪڙي پوي ترازوءَ ۾،
تہ تورَ ساڻ، خطا ٿئي، خطا ختن جو اگهہ.

خريد بوسہ لب لاءِ، جانِ صد بَر لب،
ڪٿي پڇي ٿو پَلا، سنگ، هت يمن جو اگهہ.

تون گلبدن ٿو ڪرين، ڪاڻ ڪوڻ چومون سان،
ٿئي ٿو سيم جو تولو بہ سيم تن جو اگهہ.

تيي باغ ۾ ٿيي بها گل سندي ٿئي البت،
ٽڪي تو سيرُ وڪامي، چنل گلن جو اڪھ.

ڪيو تو آھ، جينءَ پرواز، باغ مان ”بلبل“،
رهيو نہ هاڻ اهو آ، گل و چمن جو اڪھ.

●

اٿسرند تي ساهيان نہ اوهان سان تو يار سگ،
هيٺي جو هر هم، ڪي لڳي ناگوار سگ.

چشمن هلايو، قافلو، اشڪن جو زلف ڏي،
جن جو لڳو آ آتش دريا جي پار سگ.

مون جو سڏايو، هن جي غلامن سندو غلام،
ڪاوڙجي ڪن چيو تہ: آهو ناهہ، ڪار سگ.

دل اچ حبيب ساڻ، ڪري وئي سپرد خويش،
سائڻ چيو تہ ”وجھ، نہ اسان تي هي بار سگ.“

خويشن جي ذڪر ساڻ، خوشي جي ڪٽي ڪريان،
داريا چون تہ تنهنجو اهو آھ دارَ سگ.

دنيا ۾ ڏس تہ ڪهڙي، عزيز آھ، دل اندر،
”بلبل“ نقط ڳڻائي سگهيو، سئوَ هزار سگ.

●

وقت نازڪ تيي، سکهو خوب خبردار ٿيي هل،
هان سکي، ”اير“، لکي، ”ايل“ ۽ هشيار ٿيي هل.

جي ڪندين ڪين تون انگلش ڪي ادا ياد تہ پوءِ،
ڇڏي واڏاري ڪي، بيهودو ۽ بيڪار ٿيي هل.

اچ ۾ ڇي ڪونہ سوا پاس، جدول ۽ پيسي،
جي اهي ئي نہ ٿيي موجود، تان مردار ٿيي هل.

علم عربيءَ ۾ ڪيئي، عمر اجائي ضايع،
جي پڙهيئي پارسي پو، ڪمتر و ڪوتار ٿي هل.
هن زماني ۾ ٿيو زور جنهين ڳالهه جو اج،
وٺ اِها واٽ، اگين بات ڪان بيزار ٿي هل.
جي تو چاهين تہ معزّز ٿي رهين دنيا ۾،
ڪوٽ، پتلون ڪري، ڊيل جي رفتار ٿي هل.
ڏي سچاٽپ کي ڇڏي، پٺو نہ رکج ياتين جو،
زال ڏاري جي رکين گهر، تہ ٻلا ڏار ٿي هل.
عشق عالم جو ڪري سيرُ جي سالڪ سالم،
شيخي شوخي کي ڇڏي ناڪس و نادار ٿي هل.
گل وصلت جو وٺين واس تہ تون اي هَوَسي،
باغ ۾ حسن سنڌي ”بلبل“ بيمار ٿي هل.

●

غرض هو ڪنهين جو شباب اوّل اوّل،
رهيو ڪين سو ڪامياب اوّل اوّل.

ڪٽي عمر ساري، سيه ڪاريُن ۾،
خضاب آخر، شباب اوّل اوّل.

تسلّي ڏئيي، پوءِ مارين تو مسڪين،
هي لازم ٿيو، عالي جناب اوّل اوّل.

نہ معلوم ڇا ٿئي، گزڪ رفتہ رفتہ،
کيومئي جو دل کي ڪباب اوّل اوّل.

رهيو عاشقن کان، رهيو عاشقن تي،
عتاب آخر، حجاب اوّل اوّل.

مليو شرع کان ”شين“ ۽ ’راب‘ گهر کان،
مرڪّب ٿيو هئن، ”شراب“ اوّل اوّل.

خدا کان اوهان، ۽ اوهان کان گهرون دل،
سخي آ، جو ڏيندو جواب، اوّل اوّل.

رهي بره، جي باغ ۾ ٿو اي ’بلبل‘،
خزان آخر آخر، گلاب اوّل اوّل.

●

دورِ بئنسر سان ڏکيو گلفام، فم،
برڪِ گل تي مفت ٿي بدنام، نم.

اڄ به شايد شوخ مان شب وصل ۾،
ڪامُوَر ٿيندو ته پڻ ناڪام، ڪم.

ڪئن خوشي ۽ خورمّي، حاصل ٿئي،
ڏس ٿا پهچن روز پيا پيغام، غم.

زلف-عارض، خال، خط، دندان، لب،
هي مڙيئي ٿا چون اقسام، سم.

جستجوئي يار، آهو چشم ۾،
روح ۽ دل کان ٿيو آرام، رم.

دل صفا ڪر، يادگيريءَ يارَ ۾،
چا رکين، پرواه ’بلبل‘، جام-جم.

●

تو نه پاڙيو جي پرين، انجام، جام،
زلف پياريو زهر تلخ آ شام، شام.

گنج تنهنجي حسن تي، هن مهوءِ مار،
ڪئن ڪري پورو هي دل، ناڪام، ڪام.

مون گھڻو آندو عمل، تسخير ۾،
کين تيو سو کين دل آرام، رام.

مان رهيس محروم هڪڙو دوستو،
ڪلهه ته اغيارن تي هو انعام، عام.

حسن ۾ تون شهرهٔ آفاق ٿي،
بيوفائيءَ ۾ ڪيئي بدنام، نام.

باغ ۾ 'بلبل' ڪي منجهه عهدِ بهار،
ٿا وجهن هر روز، گل اندام، دام.

●

تون رک هميشه 'رو پيو'، ان رمز راز ۾،
"آدي" اٿي تون سڙ پيو، ان سوز و ساز ۾.

ڪنهن دام دلربا ۾ نه ٿئي 'پا ولي' تو بند،
ڦاسن 'پيا ني' مکس انهيءَ شهد آز ۾.

'آني' تي ماکيان ٿي وهي، گنج تي بخل،
هلندي 'نکي' جي نور چا پرواز، باز ۾.

سک تون سدائين عادتون، عجزو فروتني،
پرچي تو 'پئي سو' عاجزي، زاري، نياز ۾.

ڪچ تون "کسيري" جيڏو نه کو فکر اي فهيم،
پرواهه بيش و کم نه نشيب و فراز ۾.

'پا ئي' نه ڪا خبر هتي، 'بلبل' جي قيد کان،
وجهندي ڪا آئي دامن، دور و دراز ۾.

●

پورو وفا ۾ يار نہ اچڪلهہ آدا ڏٺم،
جو ڪجھ ڏٺم، غرض سو غرض آشنا ڏٺم.

هڪ يار غمگسار وفاڪيش تو رهي،
يڪسان ڪمال قرب ۾، در روقفا ڏٺم.

بيگانہ خواهہ خويش اقارب سين اندر،
بيشي سندو بڻاهُ، سچو برملا ڏٺم.

مخلوق ساري، عالمِ مغلوب عشق جي،
پر ان کان زرجو زور و زبر، جابجا ڏٺم.

جئن ڪاغذي گلن ۾ نہ بو-باس تي رهي،
بلڪل نہ گلرخن کي تئين باوفا ڏٺم.

هن بحرِ عشقِ اوجِ محبّت جي موج کان
چا چا نہ زور شور ۽ جورو جفا ڏٺم.

معمول هن جهان ' سندو مشهور آ مثال،
'بلبل' جي دل کي صبر، نہ گل کي وفا ڏٺم.

●

سرد تيا مڪّار، ڇو کهڙي چيم!
کي رنون ٿيون خوار، ڇو کهڙي چيم!

جاڪٽ ۽ پتلون پايو دوستو،
جي ٿيو سرڪار، ڇو......

جنهن پرائي وضع کي بدلي ڇڏيو،
سو ٿيو ناڪار، ڇو......

فخر جي حاصل ڪيو سيني مٿان،
ٿيو ولايت تيار، ڇو......

جي اڇا صاحب، سڏايو 'سنڌ' ۾،
تان رهو هوشيار، ڇڻو......
ڇرت کي هر وقت چايون وات ۾،
سينڌ جو سنگار، ڇڻو......
ڪر مڇون مضبوط، مٿر وڌنديون وڃن،
ڪوڙ ڏاڙهي وار، ڇڻو......
پي برانڊي، خوب کائو پيا ڏڪا،
برسر بازار، ڇڻو......
جي آئو تان، امتحان ۾ ڪجهه ڏيو،
نه ته آهيو بيڪار، ڇڻو......
جي گهٽو سڏجو سياڻان تان ٿيو،
ڏين کان بيزار، ڇڻو......
سير مُلڪن جا ڪيو جي جاءِ تي،
تان ڏسو اخبار، ڇڻو......

هجر ۾ نالان رهي ٿو بيوطن،
'بلبل' بيمار، ڇڻو کهڙي ڇيم.

●

گل گل جي ڇهڇٽي ري، لڳي، ڪيئن چمن ۾ مٽن،
ڪهڙجي ڏيئي نه ڪاله، عدو دلشڪن کي ڪٽن.
مڪار ڪيئن ميل رکي، مڪر کان سواءِ،
پنجاهه لاهي پادر تنهن پيرزن کي زن.

نازڪ بدن جي زلف جي اڄ تار تار آڻ،
غسال توکي نه آ ته ڏيان مان، ڪفن جو ڦن.

هر جا حبيب ساڻ صفا رهه، ۽ صدق دل،
اي لبڙ ٽويا، ڏي تون لبن ۽ ٽپن کي ڀَن.

منقار، عندليب هٿي برگ گل تي جٽن،
عاشق تہ گلرخن جو چُمن ٽا چَپن جو ڀَن.

بستان دوجهان ۾ اي 'بلبل' بتهرطرح،
سونپج تون پنهنجو پاڻ کٿي، پنجتن کي تن.

●

جنهن نظارو ڪيو سندءِ عينين،
چو سڏائي نہ حاجي الحرمين.

ڪهڙي مان بينوا، بهاءَ ڪيان،
آهي قربان زلف تان ڪونين.

قاب قوسين، يا هلال دو عيد،
جي ڀِڻي نوڪدار، هِن نجدين.

آب ڪوثر جي سلسبيل چون،
آهي شايد آها اندر شفتين.

زود زائل تئي، سياهي دل،
جي تہ عارض سندا ڏسان، قمرين.

رهج بيغم، حساب کان 'بلبل'،
تنهنجا، حاميءِ حشر، ٿيا حسنين.

●

عارض کان تنهنجي، شمع، شبستان ۾ شرمگين،
حور و پري بہ خلد پرستان ۾ شرمگين.

زلفن کان تنهنجي مشڪ ختا ۾ پيو خلل،
سنبل جو پيچ پيچ ٿيو ريحان ۾ شرمگين.

ابرو بہ ڏس، فلڪ تـي ڪيو جلوۂ هلال،
تلوار تيز ان ڪان ٿي، ايران ۾ شرمگين.

چشم و لب و دهن ڪان ٿيا ڦـول شرمسار،
بادام ، ڏاڙهون، پستہ خراسان ۾ شرمگين.

قد لاءِ مون ڪي مصرع موزون نٿي ملي،
الفاظ الف ٿـي چڪا، ديـوان ۾ شرمگين.

انداز نـاز ساڻ، خرامان ٿـو تـون ٿلين،
رفتار ڪان ٿي ڪبڪ بہ بستان ۾ شرمگين.

جوين جي تنهنجي هاڪ هلي جان جهانَ ۾،
ٻڌندي ڪـري پيو، يوسفِ ڪنعان ۾ شرمگين.

'بلبل' صدائي سوز، ماشّٰر مان تنهنجي سڀ،
ٿيا مرغ هر صغير خوش الحان ۾ شرمگين.

●

'ڪر-اچي' مون وٽ پيارا، تون وري پنهنجو وٺاڻ،
آءٌ تہ هيڪر، هوت مٿن ِ 'هي، در ٿٿي آباد' هاڻ.

مارئيءَ ڪـي ٿـي چيو مـارن چـڏي پنهنجو ملير،
ٿي وسائين 'ڪوٽ، ڙي' توڪان ٻلي و يڙا هي ياڻ.

ان چوايو تن ڪي، مان هت "جنگ-شاهي" ۾ جهليس،
ڪڻ وساريندس اديون 'سي-ون' ڏيو جن جا اُجاڻ.

جي سڏائين 'مير' ۽ 'دولت' ۾ 'پٽر' تو پاڻ ڪي،
'سا، ڪـرو' تہ جو ڪيان، مت ڪيم ان جي سيم ساڻ.

آءٌ تـہ ڀانيان ٿـي عمر 'دادو' سو توڪي دين جو،
ڪين 'ڀاڻن' ڪان 'لڪي' ڪا هڻن ٿٿي منجهہ طلب تاڻ.

ڪو 'سڪر' توکي نٿو سمجهائي، تون چا ٿو ڪرين،
اهڙو 'رڪ' رهزن نٿي موٽاءِ پنوهاري جو پاڻ.

'لاڏڪائي' پنهنجي اندي مال تي تون ڪيم ڪر،
بي 'بقا-پر' آ بقا نا آشنا، تون دل ۾ چاڻ.

شوق شاهي ۽ شڪارن ۾ نہ، پَرُ مغزي رکج،
هي 'کڙهي' 'ماڙي'، محل سڀ بي بقا آهن، سڃاڻ.

اج صبا جي پيڪ سان سڪ سوز، دل 'م هڙ' ٻڌي،
گل جي خدمت ۾ تون 'بلبل' هن امانت کي اماڻ.

●

ڪيئن سڪئين تون يارَ هي دلڙي ڪَسڻ،
زلف ۾ قابو ڪرّي، آجا ٻَڌڻ.

آهي آهين، خاطر عشاق لاءِ،
سنگدل پڻ سنگ مقناطيس چڻ.

ڪين مائل ٿئي، ڪڏهن ٿي مومَ تي،
ڪنهن پهڻ سان تنهن پَريءَ جي دل پهڻ.

اک ۽ دل، استاد ابرو برق لئي،
هن سبق ورتو وسڻ ۽ هُنَ تپڻ.

عيش دنيا جا ٻه ڏس، سڀ مون ڪيا،
هاڻ ڪم آهي، ٿيو اخبارون لکڻ.

جنهن چمن سان آشيانو تو ڇڏيو،
سو وسي، 'بلبل' نہ بستان جو اگڻ.

●

بهار آئي ڦليا گل ڦل، آها، هاها، آهو، هوهو!
ڪليا هرجا سمن سنبل، آها ها ها...

ڏسو نرگس عجب نسرين، رياحين برگ ياسمين،
سونهن ٿا سروَ تي صلصل، اها، ها ها...

ٿيا مرغِ چمن نالان، رهيا گل ڦل سڀئي حيران،
اٿيو غوغا، اهو غلغل، اها ها ها...

ڪڍي اڄ صد زبان سوسن، سوين سورج ٿيا روشن،
هلُيو هڪار جو هُل هُل، اها، ها ها...

رَباب و چنگ، مطرب، مئي، صنم، ساقي ۽ ٻي سڀ شئي،
صراحيءَ جي صدا قلقل، اها، ها ها...

ڪري ٿو نغمه پردازي، سچي سِڪَ جي سخن سازي،
برهه جي باغ ۾ 'بلبل' اها، ها ها، اهو، هو، هو.

●

سچ چئو پرين اوهان کي، هي پند ڏور ڇا هو،
مون کان ڪڏهن پڇڻ جو پيو دل ۾ پور ڇا هو.

بيوَجهه تو ڪئي آ، هن ريت بيوفائي،
دل ۾ ته ٿي تون قاضي، منهنجو قصور ڇا هو.

چو ٿو تڙين تڏي کان، پنهنجي پرين پيارا،
در تي پيو رهي ها، هڪڙو مزور ڇا هو.

حق ڳالهه جي ڪجي ٿي، سوي ادب رهي ٿو،
هو حسن تنهنجو ڪافي، مَئه جو ضرور ڇا هو.

هٿ جي رکي رکڻ کان تنهنجي ڪمر ڏکي ٿي،
هئي! هئي! املوڪ سائين، سَلَ هي ته سور ڇا هو.

مون کي سچائي، چائي، واٽي، پچين ٿو نالو،
هوءَ پُر غماز مستي، پر هي غرور ڇا هو.

"بلبل" هي طرز تازي، جا تو سخن ۾ آندي،
سا سڀ سٽي سڄڻ ٿي، وه وه سرور ڇا هو.

●

عالم سڄي ۾ اڄ ٿو ڏسان، عيش عيد جو،
عشاق کي آ عزم ٿيو، دلبر ديد جو.

بي ديد، تنهنجي عيد، نہ ساعت سعيد ڇاڻ،
رک اشتياق روح ۾ روزِ وعيد جو.

بازر برهہ ۾ سور جو سودو سو ڪيئن وڻن،
ٿيو خام خيال جن کي خوشي ۽ خريد جو.

پوشاڪ ڪهڙي پهرن، وهنجن سي ڪيئن وڏيل،
تڪفين، غسل ناهہ ڪو نازِ شهيد جو.

آهي ائين رقيب جي عاشق سان رد-بدل،
آلِ عبا سان هو جيئن جهيڙو يزيد جو.

گل گل گريبان چاڪ ٿو "بلبل" ڪري تڏهن،
دفتر جڏهن ڏسي ٿو سندءِ دل دريد جو.

●

ڏس چرخ رنگ چرخ تي خنجر هلال جو،
شاهِ شهيد لاءِ، شفق خون خصال جو.

هي قطره قطره مطر جا موکا نہ سينهن چاڻ،
ماتم ڪري ٿو، ابر روئي، هن مقال جو.

سمجهين سدا رهي چو، سيہ پوش هي سپهر،
واقف هو ڪربلا جي وقوعن ڪمال جو.

سينو فلڪ جو باغ ستارن سان سربسر،
مه، مهر، ڪم ۾ ڪاسته، هر ماه، سال جو.

حسنين جي فراق کان هر شب زمين تي،
شبنم بچشم، لڙڪ لڙي ٿو ليال جو.

هر سبزه نبات تاسف کان سبز رنگ،
هر لاله، داغ داغ، دليل آهه دال جو.

اخلاص پنجتن جو تخلص کان کڻي ٿي،
ظاهر زبان ساڻ ڪين خامس خيال جو.

آلِ علي جو عشق، ائين آهه مون ۾ حل،
باطن، عيان ۾ بوءِ جئين گل مثال جو.

باطن ۾ گر هو قرب تسلسل ڪمال جو،
ظاهر ۾ دشت ڪرب، تزلزل، زوال جو.

جن ڪيو نه جان نثارن، تيغن کان آت دريغ،
تن تن مثان نه سانگو هو، سِرَ جو نه مال جو.

نيج تون صبا، تراب قدم، بوتراب لاءِ،
جاروب ڪن جي هوند، هي "بلبل" جي بال جو.

●

هلچل ۾ چار پنجان، جي وڏ نه پنج ڏيندو،
پيو گهرڙ گهائون جي وٽ، ڪڏ ڏوڙ ڪنج ڏيندو.

وسعت نه ڏيو هوس کي اي نوجوان نينگر،
هن پير پشت خم کي، رهڙيو ته رنج ڏيندو.

زرگر ٿو زر کي چاڙي، جوهر کي جوهري ٿو،
چا ڪاچ خرَ، سگن جو گندم، برنج ڏيندو.

مر هو هلن هوا تي، جنهن دم اٿيا موالي،
بوراق تن جو بابا، ساجهر ئي سنج ٿيندو.

شرفا جي شوق ڪارڻ، سارو هي ڇهڇٽو آ،
صفرا ڪي سودمند پي شربت شڪنج ٿيندو.

لڪ وار جي لڏي پيو، رفتار ۾ ريسارو،
'بلبل' هي ڪانءُ ڪارو هرگز نہ هنج ٿيندو.

●

نيچري فن ۾ ڏيکاريان ٿو نٿون فن پنهنجو،
خوب ڦرڙات ۽ بَرڙات سان فيشن پنهنجو.

ڇا اوهان چاٿو ٿا اي يار، مان 'سنڌي' آهيان،
خاص لنڊن سان آ ناتو ٿيو نيشن پنهنجو.

مور ماني نہ وٺي ۽ نہ ڪو مذهب ۾ مزو،
حسن ليڊين جو آهي روز ۽ ريشن پنهنجو.

شال لنڊن ۾ وڃي عمر گذاريون البت،
پرمننٽ، آهہ، اهوئي تہ اسٽيشن پنهنجو.

ڪل ڪاڙهن جا هلي ٿيون اتي نوڪر، ايئن ٿي،
بندگي آهہ انهن جي ويئر اپشن پنهنجو.

●

سڪياسون، ڪنهن سبب 'مائي ڊير اي سر' تہ چا ٿي پيو،
ڪٺي ماٺهوءَ سڏايو موج ڪان مستر تہ چا ٿي پيو.

ٿي ڪنهن جي چوڻ سان ڪين ٿو بد، نيڪ ڪو قاضي،
پلي ڪوئين ڪاوڙ مان رکو ڪافر، تہ چا ٿي پيو.

سکن ٿا جئن ملا، مَسَٽلا، شريعت جا اسان اهڙا،
پڙهياسون قاعدا، پوچي سليو پاور، تہ چا ٿي پيو.

لقب آھن، اھي چڻ دين جا، حاجي، سلان، قاضي،
ٿياسون تن اسين، عهدن ۾ نر-سيجر ته چا ٿي پيو.

سنڌائيچ ويس، کوٽ ڄ وار، پا پتلون چا پروا!
صفائيءَ کان جي ھٿ ۾ کنيم ڪاڳر ته چا ٿي پيو.

جنين بڻجو، تنين بڻجو، مگر حاصل ڪيو ساني،
لڳن جي سنهن، مٽي تي، چار-پنج پادر ته چا ٿي پيو.

رهي پرمغز تو هردم گلن جي بوءِ-بلاغت کان،
تيو 'بلبل' اگرچ بيوطن، بي زر ته چا ٿي پيو.

●

ادا خوب دنيا ڪي ڪائو ڪمايو،
پٺو پول، آخر سندو دل تان لاهيو.

رکو دين، مذهب سان هرگز نه رايو،
مٽن جا مسالا، ميساري مٽايو.

پڙهو انگريزي، ڪيو اوج اعليٰ،
وٺي خوب عهدا، حڪومت هلايو.

وهارڻ، اٿارڻ، ڪيو انگلش سان،
هلائي پٽن کي لنڊن ۾ پڙهايو.

وٺي فيمليون پنهنجون، فرصت سان ٻاهر،
سدا سير ڪارڻ، بگين ۾ ٻڌايو.

حيا لڄ کان هردم ڪيو پنهنجو پاسو،
ڦري مال بينڪن ۾ پيسا بچايو.

ٻٽي ڄڄ" پنهنجون جيوريون پيا جوڙيو.
هٽي سوٽو، انصاف اصلي اڏايو.

عدل بي ريا سان، رکو کين ياري،
وکيلو، وڙو، خوب خرچو، کٽايو.

وٺي چار ڪوڙا، شتابيءَ سان شاهد،
ڏيو جلد فتويٰ، ڪنيو کنهن، هرايو.

کيو ڪوڙ، پر سچ جي ڪوشش نہ ڪائي،
لکيو هڪڙ تہ تنهن کي پڙهي بي پڌايو.

ڏيو ڪن نہ ڪنهن کي، جي پونڪن ٿا ڪُتا،
اوهان پنهنجي 'بلبل'، پيا پٽر آڙايو.

●

يار اکيان تون روز رو، تازه بہ تازه، نو بہ نو،
سَن ملئي کو ڦٽ بجو، تازه بہ تازه، نو بہ نو،

ٽانڊي ۽ ٽوپيءَ جي ٽهل، کر پيو سجڻ جي هر مهل،
نيوڙي پيو ٺاهہ، نڙ ۽ گو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

روز گذار، مارَ ۾، ٿُڪ ٽڙاڪَ گار ۾،
وٺ پيو موچڙن مزو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

گهر، زمين ۽ مال ضبط، چڏ نہ راڳ رنگ ربط،
شوق تون رک شراب جو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

جي نہ رکين ٿو زور و زر، برهم بزار ڪيم ڪر،
هيت تہ گهرجي روڪ ٿو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

روز تنهين جو هي سَتَل، ڳنڍي ڳوڙهو ڪو مت منجهيل،
شال، اچي گراڪ ڪو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

جي نہ اچي ڪين 'بلبلان'، ڪين ٿئي پو گلگلان،
روز چمن ۾ چهچٽو، تازه بہ تازه، نو بہ نو.

●

هئي هئي! ميسڻ اسان کي ته مسٽر بنايو آهه،
صد شڪر آ اڄي کان ته بهتر بنايو آهه.

دل کي ڏيکاري خوب، نئين چال جا مزا،
پتلون، ڪوٽ، بوٽ جو خوگر بنايو آهه.

خرما، بهه ثواب، سيون ۽ شراب پڻ،
بسڪوٽ، چاءِ، گهر ۾ ته چمبر بنايو آهه.

دير و حرم ۾ شيخ، برهمن ڀلي رهن،
يارن ته پنهنجو لنبڻ، مندر بنايو آهه.

باجو وڄائي، ناچ جو ڪٿي ٿيون نشاط ۾،
صاحب کي ڏس بغل ۾ جا باندر بنايو آهه.

بي . اي. جي پاس واري کي، چانوڪريءَ جي ڪاڻ،
جت آيو جوڙ توڙ سان ٿيڙر بنايو آهه.

خط ۾ لکڻ عبارت بلڪل فضول جاڻ،
جا مختصر هي نسخو ’ڊير سر‘ بنايو آهه.

’بلبل‘ ملي، ترقي، ٿي تنهن کي پوليس ۾،
چالان ۾ جو پٽ کي ڪبوتر بنايو آهه.

●

مجلس جي سونهن سوپ ۽ سينگار آهه حقو،
وحشت ۽ غمزدن جو غمخوار آهه حقو.

بڙبڙ ڪيون پيو دل کي، بهلائي ساڻ باتين،
داناءِ دل جو دلبر، دلدار آهه حقو.

ان جو تماڪ حسرت، مشڪ ِ خطا ختن آهه،
ٽاندو تنهين جو غيرت ِ گلنار آهه حقو.

هر وقت هو وضوءَ سان، آ غرق، غسل ۾ پڻ،
پاڻيءَ سان پاڪ پنهنجو، هر بار آهه حقو.

آ غم غلط جو نسخو، معجون سونسيءَ جي،
هر درد دک جو داروي بيمار آهه حقو.

محبوب جي ملڻ جو آهي، وڏو مسبّب،
دلبر جي دوستيءَ لئي، درڪار آهه حقو.

مجلس ۾ سڀني پرستن جي مست ٿين مڙيئي،
با هوش تن ۾ بيشڪ، بيدار آهه حقو.

جي تازڪي آ تن ۾، نڙ گوءِ، نبض جاري،
'بلبل' سندو بہ گويا، گفتار آهه حقو.

●

عشق انسان لئي اکهاڙو آهي،
عقل جي وڻ ۾ ڄڻ ڪهاڙو آهه.

فوج سهڻن جي دل قري جهٽپٽ،
هي بہ هڪ دلبرن جو ڌاڙو آهه.

جا ڏي دل جو سلام ٿئي تا ڏي،
ساري لشڪر لڳن جو لاڙو آهه.

خرچ ڪثرت سان ٿئي ڪراچيءَ ۾،
موت، هر ڪنهن مڪان جو ڀاڙو آهه.

نائره نينهن آهه نيو-شر رود،
واه! ان ۾ امام واڙو آهه.

جو ڏسو، هت جوان مڙس، بلي!
سيڪنهين کي ٿيو سوز ساڙو آهه.

ٻـي هـوا سست، سـزد، ساموندي،
آب کـوهـن ٻـڌن جـو ٻاڙو آهه.

باغ، فرقت ۾، گل ري، "بلبل" کي،
روز و شب، روڄ، رنج، راڙو آهه.

●

ني زر جي زور بازي، زر آ ته عشق نه پهه،
ڪر موج، روز تازي، زر آ ته عشق نه پهه.

زر جي ني ڪامراني، جاني سڏي پيو جاني،
سڀ ڪائي، ماسي ناني، زر آ ته عشق نه پهه.

زر ساڻ ڪوجهو ڪاٺو، اڪـ ۾ اهو اگهاٺو،
چريـو بـه ٿئي سياڻو، زر آ ته عشق نه پهه.

زر ساڻ عيب هـاٺـو، سهڻن انـدر سماڻو،
نـر تـو نوائي نـاٺـو، زر آ ته عشق نه پهه.

زر ساڻ سيڪو ڪـهـرو، چاچو ۽ پاءُ چـهرو،
قربان سَس ۽ سَـهـرو، زر آ ته عشق نه پهه.

بازر ته جهنگ بازر، جو گهر ٿئي سو محضر،
بـي زر، شهر ۾ پادر، زر آ ته عشق نه پهه.

زر ني وڏائـي نالو، تـوٽـي هجي ريڏالو،
صدقو ٿئي پيو سالـو، زر آ ته عشق نه پهه.

"بلبل" پڻليا جي هن ۾، سيئي رُليا سخن ۾،
دنيا جي گل چمن ۾، زر آ ته عشق نه پهه.

●

جو ويڙهيا وارَ اڄ چڻ مشڪ ٽيو، تاتار، ته، ته، ته،
دلالن دل سندو وٺجو، اهو واپار، وه، وه، وه.

اول گهنڊي وجهي مُنهن ۾ ڪيلي جو يار منَ-مهٽو،
ڏيکاري چين جو اسرار ۽ ديوار-قهه قهه، قهه.

فلڪ کي فخر آهي، چنڊ نوراني مٿي، اهڙو،
اسان جي ماهرو جو منهن سچو انوار، مه مه مه.

هلي جو يار خوش اطوار، منجهه بازار يا ٻاهر،
ٿئي هڪار، خوشبودار مان رفتار، رَه رَه، رَه.

هو دل آرام ۽ گلفام جن اصنام وٽ آيو،
ڪريا پيزار ۾ هر بار ڪان ڏهڪار ڏه ڏه، ڏه.

سنڌ ۽ غلغل مٿان 'بلبل' تين صلصل اچي صدقي،
شڪر گفتار ڪان گلگل، چمن چوڏار، چهه، چهه، چهه.

●

خراب دنيا اٿئي، خانهٔ خراب سندوءِ،
ٿو عيش نيش هٿي مال مضطراب سندوءِ.

ڪري ٿو صبح، معبر جي ڏڪ سندو تعبير،
ڏسي، ڏکيو جو ڪنهين رات، سک جو خواب سندوءِ.

چکي جو شربت وصل و وصال سو ٿئي هلاڪ،
اندر ۾ زهر، ته ٻاهر شهد شراب سندوءِ.

نه تنهنجو تشنهٔ لب، بر مراد پهتو سراب،
هي آب و تاب ڀراهون، سو سڀ غراب سندوءِ.

ٻرنج، رنج ۽ ٻوڙي ٿو ٻوڙ، نان، زيان،
ڀلا، بلا آ ٿيو، سوخته ڪباب سندوءِ.

سندءِ عذاب سو عشرت، ۽ عشرت آهہ عذاب،
عتاب خوش نہ مخاطب ٿئي خطاب سندوءِ.

بهارِ باغ زماني ۾، غنچۂ مقصود،
ڪُليو نہ "بلبل" دل جو ھي گل، گلاب سندوءِ.

●

ڪئن ياد توکي پرپٽ، پڻون يارَ ھن ميٺل تي،
سچ ٿا چون سياڻا، "جي چِلهہ اتي، سي دل تي".

منهنجي اندر ۾ اپريو، ايئن ھڪ سلو تہ سِڪ جو،
سيلابِ آب جي سان، جئن گل جمي ٿو، ڪِل تي.

طوفان سَو طرح جا، ھڪ ٿو لهي، ٻيو اپري،
ديدن سندو دوآبو، ڪيئن موجَ مستقل تي!

رهي شعرو ٿو شاغل، سدا محفلِ طرب ۾،
'بلبل' بہ مشتغل آ، صد نالہ مشتعل تي.

●

سهٽا ضرور توکي، سينگار جو نہ آهي،
ريءَ زلف، دام دل لئي، ٻي تار جو نہ آهي.

جي قتل لاءِ ڪنهن جيء، تون ٿو ڪشين ڪمَر کي،
ابرو اٿئي تہ سانگو، تلوار جو نہ آهي.

اکايون اکڙيون تو، پر جي ھجي ڪو مقصد،
مژگن جي سورچي کي، پيڪار جو نہ آهي.

ھن نازنين جي قد سان، ھمسر نہ سَرو ٿيندو،
جر ڪاٺ اٺکھڙيو ڪنهن، ڪم ڪار جو نہ آهي.

مضمون۲، سندءِ ڪمتر جو، جن موشگاف پايان،
ان کي الهه ۾ تفاوت، هڪ وارَ جو نہ آهي.
”بلبل“ تون هاڻ بس ڪر، باريڪ بات هينَ ڪان،
اڄ قدر، ڪوئي ڪنهن وٽ، اشعار جو نہ آهي.

●

اڄ وري قسمت اڏايو، منهنجي دانہ، آب کي،
عشق جي آتش جلايو، عقل جي اسباب کي.

ايتري دوري ۾ دوران جي نہ ٿي آ مرد دل،
چرخ سر نو ٿيو وري، پير، فلڪ چرخاب کي.

اشڪِ خوني جي نظاري کان نہ ٿي ميراب چشم،
موجزن ٿيو، شوقِ ديده، بحر جي گرداب کي.

”هرچہ بادا باد، ما ڪشتي درآب انداختيم“،
هي توڪل جو آ ترهو، عشق جي ارباب کي.

باب سڀ ناياب ٿيا، مايوس آهيان، اي صنم،
شال، چشمن سان چمان، نئي بارگہ جي باب کي.

گردشِ هن گردگون کان، ٿيو دگرگون حالِ دل،
رشتہ وارن ۾ ڏٺم، جئن رستم و سهراب کي.

”مي روم در شوق، اڪنون، سرِبراهِ عشقِ يار“،
من ميلان محبوب مدنيءَ، آل ۽ اصحاب کي.

قيد ڪيو صياد قابو، اڄ قفس ۾ ديدہ دل،
بيوفائي گلرخن ڪان، ”بلبلِ“ بيتاب کي.

●

هن سبب دل آهہ مائل، منهنجي گل گلزار تي،
باغ ۾ سارو سراپا آهي، صورت يارَ تي.

برگِ گل تي هئن لڳي ٿي، خوشنما شبنم پرين،
قطره قطره آب جا، ڪن زيب جئن رخسار تي.

جئن سونهن تا پيچ سنبل ۽ سمن ريحان جا،
جئن گرهہ ٿي گول ٿئي، هنَ ڪاڪلِ خمدار تي.

ياد اچ آئي چمن ۾، ان جي چشمِ نيم باز،
پئي نظر جڏهين، چمن ۾، نرگسِ بيمار تي.

سَروُ بي سر، بيٺو رهوا آهي سدا محوِ ثنا،
مست آ مجنون جيان، انَ جي قدِ هموار تي.

روح کي ٿو خوش لڳي، تنهنجو پرين رنگين لباس،
ان سبب رايو گهٽو، منهنجو رهي، گلنار تي.

پنهنجي عاشق جي عيادت، ڪر تہ ڪڏهين اي عجيب،
فاتحہ، گل پئي پڙهن ٿا، 'بلبلِ' بيمار تي.

●

رخِ تابان کان تنهنجي، حور و غلمان، منفعل آهي،
منوّر منهن مٺي کان ماہِ تابان، منفعل آهي.

توهان جي ڪاڪلِ خمدار جي خوشبوءِ خم خم کان،
سڙي ٿو سوز ۾ سنبل ۽ ريحان منفعل آهي.

ڪرين ٿو قتل، ابروءَ جي اشاري سان، سوين عاشق،
تکائيءَ ۾ تہ، تنهنجي، تيغ بران منفعل آهي.

سياهي چشم، تنهنجي سرمہ گين جي سونهن کان ساجن،
سدائين سچ ۾، آهو، بيابان منفعل آهي.

سچڻ جي لال لب ۽ سيلڪ دندان جي صفائيءَ کان،
گُهرَ، ياقوت، هيرو، لعل، مرجان، منفعل آهي.

توهان جي چگيلائيءَ، چال جي چاليءَ کان اي چنچل،
ڪُهسٽان ۾ مگر، ڪبڪِ خرامان، منفعل آهي.

پيو غلغل سخندانن ۾، تنهنجي سوز کان 'بلبل'،
طرح گفتار کان، طوطيِ زبان‌دان، منفعل آهي.

●

عشق جيي، عشق جي آزار جي، اهڙي تهڙي!
درد جي، دل جيي ۽ دلدار جيي، اهڙي تهڙي!

مفت ماڻهن کي ڏيچارين ٿو، پلاڙي مَلڙو،
ها! سنڌ ۽ جبّ و دستار جي اهڙي تهڙي!

هاءِ! ڪجهه چالِ سڌاري نہ اوهان اي 'سنڌي'،
ڪاڏي، پيتي ۽ وڏي وارَ جي اهڙي تهڙي!

جَوّ جوڳين جان رکو، وارَ ۽ ڏاڙهي ڏاڪڻ،
پڳڙي، پهراڻ ۽ سلوار جي اهڙي تهڙي!

پائي پاکر جو ملو ٿا، ڪِ وڙهو ٿا مَلهون،
خوش-تازي جي، خبرچار جي اهڙي تهڙي!

آهي، انگلش ۾ سندن اهل سان رغبت، الفت،
سيٺَ مائٽ جي ۽ گهر بارَ جي اهڙي تهڙي!

هي پڙهي شعر، ملامت ۾ چون ٿا ماڻهو،
شعر جيي، 'بلبلِ' بيمار جي اهڙي تهڙي!

---

# متفرقات

و

# تاريخي قطعا

## مخمس بر غزل خواجہ حافظ رحمۃاللہ علیہ

جنون جي جوش ۾، صحرا گهميا اٿم سارا،
نہ مست مون جيان، آهو ڦرن ٿا ويچارا،
نہ ڪوہ اهڙا ڪي ڪاٽيا ٿي ڪوهڪن ڪارا،
’صبا بہ لطف بگو آن غزال رعنا را،
کہ سر بہ ڪوه بيابان، تو داده اي مارا‘.

ڪڏهن نہ شائق پنهنجو ڪيو تو شاد اي گل،
پڳي نہ منهنجي آ من جي اها مراد اي گل،
بهار موسم ۾ تو ڪيو نہ ياد اي گل،
’غرورِ حسن، اجازت مگر نہ داد اي گل،
کہ پرسشي نہ ڪني، عندليب شيدا را‘.

ڪڏهن نہ دلبر جاني، سنڀال ڪئي ڪائي،
نہ منهنجو آهہ سفر ۾ ڪو مست سودائي،
ڪري جا هاڻ ڪا محبوب مجلس آرائي،
’چو باحبيب نشيني و باده پيمائي،
بياد آر، حريفان، باده پيما را‘.

تون روز حسن تي، دلڙيون وٺين ٿو زوراوَر،
ستم ۽ جور و جفا، جي پرين، ڇڏين نہ پَچَر،
تون سِڪ ڪا عادت مهر و وفا سندي دلبر،
’بہ حسن خلق توان کرد، صيد اهلِ نظر،
بدام دانہ نگيرند، مرغِ دانا را‘.

اوهان جي حسن ۾ آهي، جو زور زينت، زيب،
نہ آهي حور و پري، شمس و ماهہ ۾ لاريب،
ذرو نظر نہ اچي، تنهن ۾ قبح، ظاهر و غيب،
’جز آن قدر نہ توان يافت در جمال تو عيب،
کہ خال مهر و وفائيست، روئے زيبا را‘.

دھن توھان جو تہ آھي، شڪَر سخن جي سرا،
لبن تي شھد جا آھن، مگر ڪريا قطرا،
جو بوسي ساڻ پون ٿا، شھد، شڪر جا ذرا،
”شڪر فروشِ کہ عمرش دراز بادِ چرا،
تفقدي نہ ڪند، طوطي شڪر خارا“.

الاھي ربطِ محبت، درين خدائي نيست،
نصيب عاشقِ شيدا، بہ جز جدائي نيست،
ڪ ڪاروبارِ بتان، غير، بيوفائي نيست،
”ندانم از چہ سبب، رنگ آشنائي نيست،
سھي قدان؟ سيہ چشمانِ ماہ سيما را“.

سيکج تون ”بلبل“، نڪتا نھفتہ حافظ،
بھار معنوي جو آ، گل، شگفتہ حافظ،
سخن جي سلڪ ۾ ڏس دُر، تون سفتہ حافظ،
”بر آسمان چہ عجب گر ز گفتہ ”حافظ“،
سماع زھرہ بہ رقص آورد، مسيحا را“.

## مخمس برغزل حافظ خواجہ رحمة اللّٰہ عليہ

نہ حلقي زلف جي مون کي وڌو آ زور ڪمند،
نہ دام خط جي ڪيو بند، دانہ خال گزند،
نہ چشم تنھنجي تي، آئون چريو ٿيس ھرچند،
غلام نرگسِ مستِ تو تاجدار انند،
خراب بادۂ لعلِ تو ھوشيار انند.

ڇپايو مون تہ گھڻو، پنھنجي دل ۾ راز و نياز،
ھي بار دردِ ھجر ساڻ سور، سوز و گداز،
بھار حسن اوھان جي جي بوءِ نازَ انداز،
ترا صبا و مرا آب ديدہ شد غماز،
و گر نہ، عاشق و معشوق راز دار انند.

اوهان جي ڪاڪل ڪمتر ڪيو، سمن نسرين،
جيا ڪان، سنبل و ريحان رکيو آ سرّ بہ زمين،
جي ڪالهہ منهنجي تي، توکي نہ آهہ يار يقين،
گذارڪن چوصبا بر بنفشہ زار بہ بين؛
کہ از تطاول زلفت چہ سوگوار انند.

نہ سرو قد تي هتي، قمري آهہ پا بہ قفس،
نہ برگِ لب تي ليکين بلبلون رهن بيوش،
ڪروڙ مرغِ چمن کي، انهيءَ هوا جي هوس،
نہ من بران گلِ عارض غزل سرايم و بس؛
کہ عندليب تو از هرطرف، هزار انند.

توهان جي هجر ۾ منهنجو رليو هي روح و بدن،
نہ عيش و عشرت گلشن وٽي نہ سيرِ چمن،
ضعيف، مسڪين، بي پر، بيواه ۽ بيوطن،
تو دستگير بہ شو خضر پي خجستہ کہ من،
پياده مے روم و همرهان، سوار انند.

وڏو جو دام، محبت جو دل کي تو صيّاد،
رهي اوهان جو هي زندان خانہ شل آباد،
اسيرِ عشق جو "بلبل" نہ گل کري آزاد،
خلاصِ "حافظ" ازان زلف تابدار مباد،
کہ بستگانِ کمندِ تو رستگار انند.

### مخمس بر غزل خسرو رحمة الله عليه

آٿيان سڄڻ جي شعر ۾ تنهنجي سراپا سرسري،
سارهہ سندي سوداءَ ۾، هيءَ عمر مون ويندي گري،
تہ بہ ان منجهان، هڪڙي ذري، پوري نہ ٿي مون کان وري،
اي چهرهٔ زيباء تو، رشکِ بتانِ آذري،
هرچند و صفت مي کنم، ليکن ازان بالاتري.

مون ساري عالم ۾ ڏٺا، سهڻا چٽائي سربسر،
سڀ نازنين، ناز آفرين، نازڪ بدن، نازڪ نظر،
نقاش قدرت جا ڏٺم، نقشا سڙئي نادر مگر،
"هرگز نيامد در نظر، نقشي ز رويت خوبتر
شمسي نه دانم يا قمر، حوري نه دانم، يا پري".

جاني هلين تو لوڏ مان، لٽڪي چلين تو لاڏ سان،
سايہ مثل آن تو ٿيان، بي ساهہ، بيتاب و توان،
بيهي تہ پڙ، منهنجو بيان، سائل ٿو مان سڪندو وتان،
"اي راحت و آرام جان، با قد چون سرو روان،
از من مرو دامن ڪشان، ڪہ آرام جانِ مَن بَري".

درياهہ وحدت جو وهي، دل ۾ اهو نالو ندي،
ٿيو ذات واحد پاڪ مان، نروار نور احمدي،
جو ذات ان ۾ گم ٿئي، سالڪ ٿئي سو سرمدي،
"من تن شدم، تو جان شدي، من تو شدم، تو من شدي،
تا ڪس نہ گويد بعد زين، من ديگرم، تو ديگري".

جي تون مصور مور تون، لکها ڪڍين ٿو مه جبين،
تنهنجو مڃان "ماني" تڏهن، هٿ ۾ قلم حسن آفرين،
جي تون ڪڍين، اهڙي ڪڍهن، تصوير نازڪ نازنين،
"صورتگري نقاش چين، رو صورتِ آئينہ بين،
يا صورتي ڪش اين چنين، يا ترڪ ڪن صورتگري".

"بلبل" جهان جي باغ ۾، سڀ گل رهن ٿا بيوفا،
ان حسن جي گلزار ۾، انڪن هزارين خار ٿا،
تڙجي چمن مان ٿو چوي، هر مرغِ دل، اي گل لقا،
"خسرو" غريب است و گدا، افتاده در شهرِ شما،
باشد ڪہ از بهرِ خدا، سوئي غريبان بنگري".

# تاريخي قطعا

( ١ )

ماده تاريخ طبع، از ترشيح، كلك فيض، سلك سالكِ مسالك حقيقت، مناهج معرفت، جناب رشادت مآب، مخدوم ميان محمد ابراهيم صاحب مدظله صديقي، نقشبندي، متخلص به "خليل"، ساكن ننگر تتہ.

شكرِ حق، ديوان "بلبل" يافت اتمامِ عجيب،
يک همين گويد غريب است آن دگر گويد عجيب.

از سرِ جان، طوطيِ طبعِ سنِ اتمام او،
گفت: در باغم چہ زيبا، نغمہ هاى عندليب.

( ٢ )

تاريخ طبع كتاب از طبع "بلبل" شيراز، سخنداني شهباز، بلند پرواز اوج، واقف رموزِ خفي و جلي، جناب ميرزا احمد علي صاحب، "احمد"، سالت انسپيكٹر جهرک

چو شد ديوانِ "بلبل" طبع باالخير،
ز شادي شد چمن، پر شور و غلغل.

ز هر جانب، مبارکباد گفتند،
تذرو، طوطي و قمري و بلبل.

ز هاتف، سال طبعش، جست "احمد"،
کہ بس فرّخ رسيد اين دستہ گل.

شکستہ پائے بوم گفت "هاتف"،
گلستان تازه كرده طبعِ "بلبل".

( ۳ )

تاریخ از قلم اعجاز رقم، امیر جاگیر شعر عالمگیر، سلطان دلپذیر، نکته رس کنار داد- جناب سیّد حاجي غلام محمد شاه "گدا" حسیني "گدا" ساکن حیدرآباد.

در گلستانِ جهان" گل با شمیرِ دلپذیر،
با لباس احمر، جلوس آورد بر اخضر سریر.

ابر نیسان، آبپاشي کرد در صحنِ چمن،
هر طرف بادِ صبا شد، در دهن جاروبگیر.

آمد فصل بهار ست اینکه مي بینم جلوس،
از گیاهِ سبز گویا فرشِ شد اخضر حریر.

آب چون سیماب از کاریز در طرفِ چمن،
پاءبوس هر شجر گردید، باشوقِ کثیر.

نغم سنجانِ چمن هر یک ترنّم تازه کرد،
لیک "بلبل" برد سبقت از همه اندر صفیر.

حبّذا "دیوان بلبل" هم کریما نیچرل،
دائما در دهر بادا، همچو شمس الدّین منیر.

سال طبعش را چو جستم گفت: هاتف اي "گدا"،
با سرِ الفت بگو، "دیوان بلبل" بي نظیر.

( ۴ )

از: "گدا"

زهي شمس الدین، بلبلي، خوش ترنم،
ز فکرش شد این نسخه پر لطائف.

"گدا"، با سرِ هوش، تاریخ طبعش،
شنیدم ز هاتف، "لطائف ظرائف".

۱۳۰۸ ھ

( ۵ )

تاریخ از طبع رنگین گلچین، گلستان مضامین، باغبان بوستان نواسین، حضرت پیر صاحب پیرڈان، رفیع الدین صاحب سرهندي، مجدّدي، نقشبندي دام برکاته، ساکن شکارپور (سنده)

سحر به باغ خوشي، مطرب خجسته شعار،
غنا نمود بر دنگ ونے، دف و سه بار.

چمن چمن شد، ابیات گل، شگفته و سبز،
صدای لحن بر آمد ز عندلیب هزار.

هزار فاخته، طوطي و تذرو و آن جا،
چه سرو گل چه شقائق شدند در گفتار.

بنای جشن نمودند، هر یکے ز سرور،
ز عیش شادي و فرحت، هزار تازه بهار.

دران چمن شده چون، جشن روز نوروزي،
رسید با من از عندلیب این اخبار.

که شد ز 'بلبل' خوش گوی، خوش نوا، خوش خوی،
عجیب نسخهٔ زیبا، به طرز خوش اطوار.

ندیده چشم چنین نسخهٔ به رمز عجیب،
بزیر گنبد مینای طارم دوار.

هزار فرحت شادي به دوستان برسید،
رسید در دل حاسد ازین هزاران خار.

به گفت سرو به بستان، 'رفیع' مسکین را،
که سال طبع بدان، طوطے پري رخسار.

۱۳۰۸ھ

( ٦ )

ایضاً

آفرین شمس الدین، 'بلبل' را،
با چنین طبع و فکر و فهم نجیب؛
باغ رندان به گفت هاتف دوش،
سال تالیف، این کتاب عجیب .

( ۷ )

تاریخ از کلک جواهر سلک، غواص گوهر اشعار آبدار معنای پرور مضمون زیبای، جناب سیّد میر میان محمد شاه صاحب حسینی، لکنوی، ساکن عامري (سنده).

چو در اخبار دیدم اشتهاری،
به گل جویان برآمد بس بهاری .

ز استعداد اهل علم اسلام،
بچشم غیر زین گل گشت خاری،

بشرط شعشه این شمس الدین واه،
شده در 'سنده' روشن روزگاری .

به بستان بلاغت و هم فصاحت،
چو 'بلبل' کس نه یابد آبیاری .

ترنّم هم تراش، قابل دید،
نمود از نو نوائین خوش نگاری .

به نکته نکته چینان، نقطه داد،
به برده گوئي سبقت در دیاری .

شگفته غنچه دل بے غل و غش،
چنین گفتا به گلشن گلعذاری .

کریما نیچرل، 'دیوان بلبل'،
بگیرد، انطباع انتشاری.

درو لطف لطائف، خوش ظرافت،
شده موجود، با نقش و نگاری.

مبارک صد مبارک باد تبریک،
بگو بر شاعرانِ خوش شعاری.

ز فرطِ شوق بس، این همین قدر،
نه از بیرویتی آریم عاری.

چو سال طبع، دیوانش بجستم،
به گوشم مصطفای گفت باری.

شود مرغوب دلها، با سرِ گل،
ز جز دیوان 'بلبل' آشکاری.

( ۸ )

تاریخ از نتیجۂ افکار، عالی سلک بند گوهر آلي، سخنور بیعدیل دلفریب، صد دل، جناب آخوند میان عبدالقادر صاحب، 'بیدل' مدرسہ خانگی، شکارپور (سنده)

بنگر کریما نیچرل، دیوان دلستان،
کن نقد جان نثار بدست آر رائگان.

دیوان بے نظیر کریما ست بی مثال،
مثلش نہ دید دیده دوران در جهان.

چون شمسے باد روشن، چون، این مشتهر،
از شمس الدین 'بلبل' تصنیف بی گمان.

در داد مژدۂ هاتف دیشب بہ گوش 'بیدل'،
تاریخ طبعِ او را، نامہ غریب خوان.

( ٩ )

ایضاً

در کراچی، بہ مدرسہ اسلام،
گفتگو جانبین باشد یاد.

این کریمان، بہ پیش 'بیدل' ہم،
بے سر اندیشه، ارمغانی باد.

١٣٠٨ھ

( ١٠ )

تاريخ طبعزاد فصاحت و بلاغت، شاعر شيرين مقال نازڪ خيال، جناب مير غلام مرتضيٰ شاه صاحب 'مرتضائي' تتوي.

عجب، ديوان 'بلبل' داستانو،
طراوت ده، گل و گلزار ڪيائين.

ڏسڻ جهڙو رهيو، سڀ قابلن وٽ،
منجهس الفاظ عمدا، ڏس وڌائين.

اڪيان سڀ قابلن، قابل پسندن،
وڏو دادِ سخن، هن ۾ ڏنائين.

پڙهي جيڪو پڃائي، سو ٿئي خوش،
ظرافت جون منجهس رمزون رکيائين.

ٿي ڳوليو 'مرتضائيءَ' سال تاريخ،
اچي پورو ٿيو، جنهن ۾ ڇپيائين.

ڏيکاريو ان کي هاتف، 'عقل اظهر'،
طبع جي دل وڻي، سن ٿي چيائين.

طلب جو سر وڻي، ڪيو سال پورو،
چيو هاتف! ولا، موتي ڪٽيائين.

ٿيو مطبوع هر شاه و گدا کي،
طبع کي 'مرتضائي' خوش رکيائين.

از میان عبدالقادر صاحب 'بیدل' شکارپور

کتاب، نازک، نکتن پرین نهاري ڏس،
منجهس ظرائفِ بلبل، ظرافتي جا عجیب.
ڪنهي اهو جو ڪٿن وارو، هوء، ڪن ڪولو،
آهي گٿن سندو، اقبال اهڙو عام نصیب.
اجا چپیو بہ نہ آهي، تہ سنڌ ۾ سیکنهن،
رکیو آ شوق مطالع سندو، بعید و قریب.
نہ آ کتاب، ولي، گلستانِ حکمت آهہ،
کري سو سیر جو علم وفهم رکي تہ ادیب.
نہ قدر کانگ کمیني، نہ بوم بدصورت،
کٿي آ طوطي طائوس، ناز وارو نجیب.
ڏسو جو 'بیدل' تاریخ طبع تنهنجي چئي،
کتاب 'بلبل' بیشک آ، وہ عجیب و غریب.

---

## تمّت بالخير

الحمد للهِ، هي ڪتاب ٢٤- جمادي الاول ١٣٠٨ھ مطابق ٦- جنوري ١٨٩١ع، خير سان پورو ٿيو.

نڪته چين، ناظرين جي خدمت ۾ التماس آهي، ته سڀڪو پنهنجي راءِ ۽ رياء ڪي ڇڏي، انصاف جي نظر سان هجو مليح، يا نو مذهبن جي تنبيهه ۽ رمز ڪناين تي عيب جوئيءَ کان برڪنار ٿي، غور فرمائين ۽ ان منجهان پند ۽ تعجّب جي معنيٰ وٺن ۽ آمرُ ڪي باالعڪس نتهيٰ چاٿن، جو اهي سڀ پاپوش، رومال ۾ ويڙهيل، ڪرين ماڻهن ۽ زماني جي فندن، روءِ رواج تي لڳل آهن. نه ائين ته ڪي صاحب وري، هن ڪي سَنَد، يا مثال ۽ حجت تي ڪم آڻين، پر ان ڪي نيڪ نفرين سمجهي، اهڙين ڳالهين کان احتراز ڪري، دين جي رستي تي محڪم ٿين. پڙهندڙ هن مصنف مسڪين کي دعائي خير سان ياد ڪن.

مصنف

شمس الدين 'بلبل' ميهڙ

نوشته بماند سيه برسفيد     نويسنده را نيست فردا اميد